روزاني سنڌيار سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) آچر 15 جنوري 2023ع بمطابق 22 جمادي الثاني 1444ھ (قيمت 10 رپيا) شمارو 233

حيدرآباد جو ميئر پ پ جو هوندو، خواهش آهي ته ڪراچي جو ميئر به اسان جو هجي: بلاول

ٽيندڙ مڪاني چونڊن ۾ حيدرآباد مان ميئر پ پ جو هوندو، خواهش آهي ته ڪراچي جو ميئر به اسان جو هجي: پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين

پ پ گهڻي وقت کان مڪاني چونڊن جي انتظار ۾ هئي، اسان چاهيو پئي ته مڪاني چونڊون ٿين پر ڪورونا ۽ ٻوڏ سبب دير ٿي

ڪراچي جي هر يونين ڪائونسل مان جيالو اميدوار بيهاريو ويو آهي، عوام کي درخواست آهي ته وڏي انگ ۾ نڪري پنهنجي ووٽ جي حق جو استعمال ڪري

15 جنوري چونڊن جو ڏينهن آهي، سڀ پنهنجي گهرن مان نڪرن ۽ ووٽ جو حق استعمال ڪن، اسان ايم ڪيو ايم کي چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ سمجهائيندا رهياسين پر ناڪام رهياسين

ايم ڪيو ايم کي درخواست آهي ته اها مڪاني چونڊن ۾ ڀرپور حصو وٺي، اسان اتحادين جا خدشا ختم ڪرڻ چاهيون ٿا ۽ انهن جا خدشا ختم ڪرڻ جي ڪوشش به ڪئي سين

چونڊن کانپوءِ سڀني جماعتن سان گڏجي ڪراچي جي ترقي لاءِ ڪم ڪنداسين، چاهيون ٿا ته هاڻوڪو مڪاني نظام ٿي رهي ته جيئن سڀ گڏجي بهتري لاءِ ڪم ڪري سگهون

ڪراچي (م د) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري دعويٰ ڪئي آهي ته سياڻي ٽيندڙ مڪاني چونڊن ۾ حيدرآباد مان ميئر پ پ جو هوندو، خواهش آهي ته ڪراچي جو ميئر به اسان جو هجي. خانگي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پ پ گهڻي وقت کان مڪاني چونڊن جي انتظار ۾ هئي، اسان چاهيو پئي ته مڪاني چونڊون ٿين پر ڪورونا ۽ ٻوڏ سبب دير ٿي. هن چيو ته ڪراچي جي هر يونين ڪائونسل مان جيالو اميدوار بيهاريو ويو آهي، عوام کي درخواست آهي ته وڏي انگ ۾ نڪري پنهنجي ووٽ جي حق جو استعمال ڪري، 15 جنوري چونڊن جو ڏينهن آهي، سڀ پنهنجي گهرن مان نڪرن ۽ ووٽ جو حق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

يو اي اي جي صدر کي چيم اسان جي هڪ هٿ ۾ ايٽمي طاقت ۽ ٻئي هٿ ۾ ڪشتو آهي: شهباز شريف

گڏيل عرب رياستن کان قرض وٺڻ جو فيصلو بلڪل آخري وقت ۾ ٿيو، انهن آفيسرن کي سڃاڻان ٿو جن پاڪستان لاءِ محنت سان ڪم ڪيو

ڪجھ آفيسرن کي بي بنياد الزامن تي سندن خاندان آڏو شرمسار ڪيو ويو، اسان فيصلو ڪيو هو ته قرض نه گهرنداسين پر اسان آءِ ايم ايف معاملن ۾ قاتل آهيون

يو اي اي جو صدر انتهائي محبت سان پيش آيو جنهن تي سندس آڏو دل کولي رکي ڇڏي ۽ آخري وقت ۾ ڪا ئنس قرض وٺڻ جو فيصلو ڪيو

گڏيل عرب رياستن جي صدر کي چيو ته اوهان پاڪستان کي ٻه ارب ڊالر قرض ڏنو آهي، مهرباني ڪري وڌيڪ ٻه ارب ڊالر قرض ڏيو: شهباز شريف

يو اي اي جي صدر کي ٻڌايو ته آءِ ايم ايف جو نائون جائزو مڪمل ناهي ٿيو، عالمي مالياتي اداري جا شرط آهن ته بجلي جا اگهه وڌايو

غريب ماڻهو تي ڪيترو بوجھ وجهون، يو اي اي جي صدر مون کي چيو ته شهباز شريف اوهان منهنجا ڀاءُ آهيو، اوهان کي ڪيئن انڪار ڪندس

اسلام آباد (م د) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته گڏيل عرب رياستن کان قرض وٺڻ جو فيصلو بلڪل آخري وقت ۾ ٿيو پاڪستان ايڊمنسٽريٽو سروسز جي پرو بيشنري آفيسرن جي پاسنگ آئوٽ تقريب کي خطاب ڪندي وزيراعظم جو چوڻ هو ته انهن آفيسرن کي سڃاڻان ٿو جن پاڪستان لاءِ محنت سان ڪم ڪيو پر ڪجھ آفيسرن کي بي بنياد الزامن تي سندن خاندان آڏو شرمسار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

سنڌ جي اطلاعات کاتي جي سيڪريٽري جي صدارت هيٺ اجلاس منعقد

اجلاس ۾ صحافين لاءِ 2023 سال بابت ايڪريڊيٽيشن فارم جاري ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي

اجلاس ۾ حسن اصغر نقوي، خان چلگري، حزب الله ميمڻ، لاڙڪاڻو طارق امام ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ڪراچي (رپورٽ: وقاص احمد) سنڌ جي اطلاعات کاتي جي سيڪريٽري عمران عطا سومرو جي صدارت هيٺ صوبائي ايڪريڊيشن ڪارڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

مريم کي چيف آرگنائيزر بڻائڻ جو فيصلو اڪيلن تي آهي: اياز صادق

شهباز صاحب حڪومتي معاملن ۾ مصروف آهي، مريم نواز جي مقرري سان تنظيم سازي ۾ بهتري ايندي

عمران خان جي نااهلي جو فيصلو جلد اچڻ گهرجي. ميان صاحب کي تنخواه وٺڻ تي نااهل ڪيو ويو

لنڊن (م د) مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ اياز صادق چيو آهي ته مريم نواز کي چيف آرگنائيزر بڻائڻ جو فيصلو ميان صاحب جي ذهن ۾ آهي. لنڊن ۾ نواز شريف سان ملاقات کانپوءِ اياز صادق چيو ته شهباز صاحب حڪومتي معاملن ۾ مصروف آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

حيدرآباد: چونڊ عملو سامان کڻي گاڏين جي انتظار ۾ بيٺل آهي

سنڌ ۾ ٻئي مرحلي جون مڪاني چونڊون ڪرائڻ لاءِ انتظام مڪمل

ڪراچي ۽ حيدرآباد ڊويزنس جي سمورن ضلعن ۾ پولنگ اسٽيشنز تي عملو ۽ پولنگ جو سامان پهچائڻ جو سلسلو تيز ٿي ويو آهي

صوبائي اليڪشن ڪميشن پاران ڪراچي جي وفاقي اردو يونيورسٽي ۾ مڪاني چونڊن جي مانيٽرنگ لاءِ اليڪشن سيل قائم ڪيو ويو

ٽنڊو الهيار، ٽنڊو محمد خان، بدين، ٺٽو، سجاول، مٽياري، ڄامشورو ۽ دادو ضلعي جي پولنگ اسٽيشنز تي سامان پهچائڻ جو سلسلو جاري آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ سڀاڻي ٻئي مرحلي جون مڪاني چونڊون ڪرائڻ لاءِ انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن. ڪراچي ۽ حيدرآباد ڊويزنس جي سمورن ضلعن ۾ پولنگ اسٽيشنز تي عملو ۽ پولنگ جو سامان پهچائڻ جو سلسلو تيز ٿي ويو آهي ڏورانهن علائقن ۾ سامان ۽ عملو پهچايو ويو. صوبائي اليڪشن ڪميشن پاران ڪراچي جي وفاقي اردو يونيورسٽي ۾ مڪاني چونڊن جي مانيٽرنگ لاءِ اليڪشن سيل قائم ڪيو ويو ٽنڊو الهيار، ٽنڊو محمد خان، بدين، ٺٽو، سجاول، مٽياري، ڄامشورو ۽ دادو ضلعي جي پولنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

آءِ ايم ايف موجب پاڪستان مالياتي خساري ۾ وڃي رهيو آهي: شوڪت ترين

پاڪستان مالياتي خساري ۾ وڃي رهيو آهي، حڪومت کي مهانگائي جي ڳڻتي ناهي، اسحاق ڊار هر هفتي صوبن سان رابطا ڪندو

ناڻي مٽاسٽا جا ذخيرا 4.2 ارب ڊالر رهجي ويا آهن، واپاري اسٽيٽ بئنڪ هيڊ آفيس ٻاهران احتجاج ڪرڻ تي مجبور آهن

ادائگين لاءِ حڪومت کي پئسن جي ضرورت آهي، قرض وٺي خسارو ڪيتري دير تائين پورو ڪري سگهجي ٿو؟

ڪراچي (رپورٽر) اڳوڻي ناڻي واري وزير شوڪت ترين چيو آهي ته آءِ ايم ايف موجب پاڪستان مالياتي خساري ۾ وڃي رهيو آهي. ڪراچي ۾ پي ٽي آءِ جي ترجمان مزمل اسلم سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي شوڪت ترين چيو ته حڪومت کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪراچي: اڳوڻي ناڻي وارو وزير شوڪت ترين پريس ڪانفرنس ڪندي

تعليمي ادارن جي پلاٽن ۽ عمارتن تان قبضا ختم ڪرايو: سردار شاهه

جن ڪاليجز ۾ داخلائن جو تناسب بهتر هوندو انهن ڪاليجن جي بجيٽ ۾ اضافو ڪيو ويندو ۽ سهولتون ڏيڻ جي حوالي سان انهن ئي ڪاليجن کي ترجيح ڏني ويندي

ڪاليجن ۾ رانديون جي منعقد ڪرڻ ۽ ٻين هم نصابي سرگرمين کي مستقبل ۾ به جاري رکيو وڃي، جڏهن ته بهتر ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن کي نشاندهي ڪئي وڃي

سيد سردار علي شاهه هدايت ڪئي ته آئينده ڪاليجن جي عمارتن کي موسمي اثرن کان محفوظ رکڻ جي حڪمت عملي جوڙي وڃي: تعليم واري صوبائي وزير

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) تعليم، ثقافت کاتي واري صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه جي صدارت هيٺ سنڌ ۾ سرڪاري ڪاليجن جي عمارتن ۽ پلاٽن تي غيرقانوني قبضا ختم ڪرائڻ جي حوالي سان اهم فيصلو. ان ڏس ۾ رٿيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

باجوا ڊيٽا ليڪ، بول جي صحافي جو جسماني ريمانڊ منظور

اسلام آباد (م د) وفاقي گادي واري شهر جي ڊيوٽي مئجسٽريٽ لاهور مان گرفتار ڪيل بول نيوز جي صحافي شاهد اسلم کي ٻن ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي ايف آءِ اي حوالي ڪري ڇڏيو جمعي تي لاهور مان گرفتار ڪيل صحافي کي ڊيوٽي جج عمر شبير آڏو پيش ڪيو ويو. صحافي کي اڳوڻي آرمي چيف جنرل قمر باجوا جي خاندان جي ملڪيت جا تفصيل ليڪ ڪرڻ جي شڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي: تعليم، ثقافت کاتي واري صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه پريس ڪانفرنس ڪندي

دهشتگردي ڪورٽ عدالت نقيب الله قتل ڪيس جو فيصلو محفوظ ڪري ورتو

ڪيس ۾ ملير جي اڳوڻي ايس ايس پي رائو انوار سميت ٻين جوابدار نامزد آهن، انهن خلاف سچل ٿاڻي ۾ ڪيس داخل آهي

ڌرين جي وڪيلن جي حتمي دليلن کانپوءِ عدالت ڪيس جو فيصلو محفوظ ڪري ورتو، جيڪو 23 جنوري تي ٻڌايو ويندو

نقيب الله محسود کي 13 جنوري 2018 ۾ مبينا جعلي پوليس مقابلي ۾ ماريو ويو هو: ذريعا

ڪراچي (م د) ڪراچي جي دهشتگردي ڪورٽ عدالت مبينا جعلي پوليس مقابلي ۾ ماريل نوجوان نقيب الله جي ڪيس جو فيصلو محفوظ ڪري ورتو ڌرين جي وڪيلن جي حتمي دليلن کانپوءِ عدالت ڪيس جو فيصلو محفوظ ڪري ورتو. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ن ليگ جو اجلاس، نواز شريف اڳواڻن کي اهم هدايتون جاري ڪري ڇڏيون

اجلاس وزيراعظم شهباز شريف، وفاقي وزير راڻا ثناءُ الله، اعظم نذير تارڙ ۽ ٻيا اڳواڻ به شريڪ هئا

ن ليگ اميدوار ڀرپور طريقي سان چونڊن ۾ حصو وٺڻ جي تياري ڪن: نواز شريف

غير جمهوري سوچ رکندڙ عمران خان مان ڪا چڱائي جي اميد نٿي رکي سگهجي: ذريعا

لاهور (م د) ن ليگ قائد نواز شريف پارٽي اڳواڻن کي پنجاب ۾ چونڊن جي تياري جي هدايت ڪري ڇڏي. ذريعن موجب نواز شريف وڊيو لنڪ ذريعي ن ليگ اجلاس جي صدارت ڪئي. جنهن ۾ وزيراعظم شهباز شريف، وفاقي وزير راڻا ثناءُ الله. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

چين ۾ هڪ مهيني دوران ڪورونا وگهي 60 هزار مريض فوت

بيجنگ (م د) چين جي سرڪاري انگن اکرن موجب ملڪ ۾ هڪ مهيني دوران 60 هزار ماڻهو ڪورونا وگهي فوت ٿي ويا آهن. چين جي بيورو آف ميڊيڪل ايسوسيئيشن جي سربراهه جياؤيا هوئي پريس ڪانفرنس ڪندي چوڻ هو ته چين ۾ ڪورونا ۾ مبتلا ماڻهن جي اسپتال ۾ داخلا جو انگ گهٽجي ويو آهي. هن چيو ته چين ۾ ڪورونا سبب سخت بيمار ماڻهن ۾ اڪثريت بزرگن جي آهي. ملڪ ۾ 8 ڊسمبر 2022ع کان 12 جنوري 2023ع دوران ڪورونا وگهي 59 هزار نو سؤ اٺيتاليهه فوتگيون ٿيون.

ڪراچي: جماعت اسلامي ڪراچي جو اڳواڻ نعيم الرحمان پريس ڪانفرنس ڪندي

ملڪ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر پيٽرول بحران جو خدشو پيدا ٿيڻ لڳو

پيٽروليم شين جي درآمد لاءِ ايل سيز نه کولڻ تي آئل ڪمپنين جي مشاورتي ڪائونسل حڪومت کي خط لکي ڇڏيو آهي: ختم ۾ متن

بئنڪ تيل امپورٽ لاءِ ايل سيز نه کولي رهيا آهن. جنهن سبب آئل مارڪيٽنگ ڪمپنيون ۽ ريفائنريز ڊڪيائين کي منهن ڏئي رهيا آهن

بروقت ايل سيز نه کولڻ سبب ملڪ ۾ پيٽرول بحران جو خدشو آهي، سپلائي چين متاثر ٿيڻ جي صورت ۾ معمول تي اچڻ ۾ 6 کان 8 هفتا لڳندا

ڪراچي (رپورٽر) ملڪ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر پيٽرول بحران جو خدشو پيدا ٿيڻ لڳو ذريعن موجب پيٽروليم شين جي درآمد لاءِ ايل سيز نه کولڻ تي آئل ڪمپنين جي مشاورتي ڪائونسل حڪومت کي خط لکي ڇڏيو آهي. خط ۾ چيو ويو آهي ته بئنڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اڄ ڪي پي ڪي اسيمبلي ٽوڙي ڇڏينداسين: محمود خان

جيڪي حالتون موجودا وفاقي حڪومت پيدا ڪيون آهن جو هاڻي عالمي سطح تي ڪير به انهن جو يقين ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي

اسان پنهنجي فنڊن مان اڳوڻي فاٽا جي ملازمن کي پگهارون ڏئي رهيا آهيون: خيبرپختونخوا جي وڏي وزير محمود خان

پشاور (م د) خيبرپختونخوا جي وڏي وزير محمود خان چيو آهي ته اڄ ڪي پي اسيمبلي ٽوڙي ويندي. پشاور ۾ هڪ تقريب کي خطاب ڪندي محمود خان چيو ته جيڪي حالتون موجودا وفاقي حڪومت پيدا ڪيون آهن جو هاڻي عالمي سطح تي ڪير به انهن جو يقين ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. محمود خان چيو ته اسان پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پوليس هٿان مبينا ڪنيي گم ڪيل پرائمري ماستر جي آزاديءَ لاءِ احتجاج

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي شهر جي غريب آباد پاڙي جي رهواسين طرفان پوليس هٿان مبينا ڪنيي گم ڪيل پرائمري ماستر جي آزاديءَ لاءِ پريس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

سنڌ هاءِ ڪورٽ 5 سال کان 16 سال تائين مفت تعليم ۽ اسڪولز خراب حالت جي حوالي سان ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ 5 سال کان 16 سال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سنڌ سرڪار مڪاني چونڊون ڪرائڻ کان انڪار ناهي ڪيو: شرجيل ميمڻ

جيڪڏهن اليڪشن ڪميشن ضد ڏيون بيٺي آهي ته سنڌ سرڪار مڪاني چونڊون ڪرائيندي

اسان گهرو وزارت ڏانهن لکيل پهرين خط جي متن ۾ ڄاڻايو ته سيڪيورٽي لاءِ فوج گهربل آهي، پر معذرت ڪئي وئي

پي ٽي آءِ کانسواءِ سمورين سياسي پارٽين کي ٽي ٽي پي جا ٿريٽ الرٽ جاري ٿيا: ميڊيا سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سڌ سماءَ واري شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ سرڪار مڪاني چونڊون ڪرائڻ کان انڪار ناهي ڪيو، جيڪڏهن اليڪشن ڪميشن ضد ڏيون بيٺي آهي ته مڪاني چونڊون هر حال ۾ 15 جنوري تي ڪرائيون آهن ته سنڌ سرڪار اليڪشن ڪرائيندي. اليڪشن ڪميشن طرفان سنڌ حڪومت جي مڪاني چونڊون ملتوي ڪرائڻ واري درخواست رد ٿيڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي شرجيل ميمڻ چيو ته ان ۾ ڪجھ ٽيڪنيڪي شيون آهن جن کي سمجهڻ جي ضرورت آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ مڪاني چونڊون ٿي رهيون آهن: عمران خان

سڀني ووٽرن کي اپيل ڪريان ٿو ته هن اليڪشن ۾ ڀرپور نموني حصو وٺن، اوهان سڀني کي ووٽ ڏيڻو آهي، تحريڪ انصاف جو مقابلو انهن سمورين پارٽين سان آهي

جيڪي 30 سالن کان هن ملڪ جو رت چوسي رهيون آهن، اوهان کي پنهنجي ووٽ سان ثابت ڪرڻو آهي، نئون پاڪستان ۾ اهو وقت اچي رهيو آهي

جڏهن مختلف قسم جي سياست ٿيندي، اهائي سياست هوندي جيڪا پاڪستان کي اوج تي وٺي ويندي: پاڪستان تحريڪ انصاف جو چيئرمين

لاهور (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان سياڻي ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ٿيندڙ ضمني چونڊن جي حوالي سان خصوصي وڊيو پيغام جاري ڪري ڇڏيو سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي جاري ڪيل وڊيو پيغام ۾ عمران خان چيو آهي ته آچر تي حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ مڪاني چونڊون ٿي رهيون آهن، سڀني ووٽرن کي اپيل ڪريان ٿو ته هن اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

سنڌ حڪومت ڪراچي ۾ پاڪستان جي پهرين اليڪٽرڪ بس سروس شروع ڪري ڇڏي

ان جو هڪ پاسي جو ڀاڙو 50 رپيا آهي، پهريون ڀيرو بس ڪراچي ايئرپورٽ جي اندر تائين عالمي معيار موجب هلائي ويندي

پاڪستان ۾ پهريون ڀيرو سنڌ حڪومت بجلي سان هلندڙ اهي بسون گهرايون آهن، 50 مان 10 بسون ڪراچي پهچي چڪيون آهن

اهي بسون مڪمل طور ايئر ڪنڊيشنڊ آهن، ان ۾ 33 ماڻهن جي ويهڻ ۽ وڌيڪ 40 ڄڻن جي گنجائش موجود آهي: ذريعا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت ڪراچي ۾ پاڪستان جي پهرين اليڪٽرڪ بس سروس شروع ڪري ڇڏي. ڪراچي ۾ اليڪٽرڪ بس اڄ کان ملير رستي شاهراهه فيصل، ڊفينس ۽ سي ويو تائين هلندي. ان جو هڪ پاسي جو ڀاڙو 50 رپيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پوليس به دهشتگردن کان محفوظ ناهي، عوام جو ڇا ٿيندو؟: راڻا ثناءُ الله

ڪي پي ڪي پوليس به دهشتگردن جي حملن کان محفوظ ناهي، خيبرپختونخواهه ۾ امن امان جي بگڙيل صورتحال تي وفاقي حڪومت کي ڳڻتي آهي

دهشتگرد خيبرپختونخواهه ۾ پوليس اسٽيشنن تي حملا ڪري رهيا آهن، پوليس اهلڪارن ۽ آفيسرن کي نشانو بڻايو پيو وڃي

هاڻوڪي واقعي مان لڳي ٿو ته ڪي پي ڪي حڪومت سي ٽي ڊي هيڊڪوارٽر بنون کان به سبق ناهي سکيو: وفاقي گهرو وزير

اسلام آباد (م د) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُ الله چيو آهي ته ڪي پي ڪي پوليس به دهشتگردن جي حملن کان محفوظ ناهي، عوام جي سيڪيورٽي جو ڇا ٿيندو؟ راڻا ثناءُ الله پشاور ۾ سربند پوليس اسٽيشن تي دهشتگرد حملي جي سخت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

سنڌ حڪومت پاران صوبائي ڪمشنر کي مڪاني چونڊون ملتوي ڪرڻ جو خط

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ حڪومت صوبائي اليڪشن ڪمشنر کي سياڻي ٿيندڙ مڪاني چونڊون ملتوي ڪرڻ لاءِ خط لکي ڇڏيو آهي. سنڌ حڪومت صوبائي اليڪشن ڪمشنر کي خط لکي ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ 15 جنوري تي ٿيندڙ بلدياتي چونڊون ملتوي ڪرڻ جي درخواست ڪئي آهي. سنڌ حڪومت جي خط ۾ چيو ويو آهي ته سڪيورٽي جا مسئلا آهن ۽ ڪو به /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اسلام آباد: وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُ الله پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪراچي، حيدرآباد ۾ مڪاني چونڊن ۾ ايف سي مقرر ڪرڻ جي هدايت

گهرو وزارت حساس ۽ انتهائي حساس پولنگ اسٽيشنن تي ايف سي کي مقرر ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي

تاريخ ۽ علائقي جو تعين سنڌ حڪومت، اليڪشن ڪميشن ۽ فرنٽيئر ڪانسٽيبلري جي مشاورت سان ڪيو وڃي

اسلام آباد (رپورٽر) گهرو وزارت سنڌ ۾ مڪاني چونڊن جي ٻئي مرحلي لاءِ پولنگ دوران ايف سي مقرر ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي. گهرو وزارت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پنجاب اسيمبلي ٽوڙڻ بعد 12 اپريل تي چونڊون ڪرائڻ جو فيصلو

وزيراعظم شهباز شريف پارٽي اڳواڻن کي پنجاب اسيمبلي ٽوڙڻ ۽ ايندڙ صوبائي چونڊن بابت فيصلي کان آگاهه ڪيو

اجلاس ۾ وزيراعظم پارٽي اڳواڻن کي پنجاب ۾ پنهنجن ٽڪن ۾ چونڊ مهم هلائڻ جي به هدايت ڪئي

اسلام آباد (رپورٽر) حڪومت پنجاب اسيمبلي ٽوڙڻ بعد 12 اپريل تي چونڊون ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو آهي. وزيراعظم شهباز شريف جي رهائشگاهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

آصف زرداري سان ٻيهر دوستي ٿي سگهي ٿي: ذوالفقار مرزا

ايم ڪيو ايم سان اتحاد تي سندس آصف زرداري سان اختلاف آهي

بدين ضلعي ۾ زرداري جي چورن جي ٽولي مون کي شڪست نٿي ڏئي سگهي

ٽنڊو باگو (رپورٽر) اڳوڻي گهرو وزير ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا چيو آهي ته آصف زرداري ٻيهر دوست ٿي سگهي ٿو پر بدين ۾ ويٺل چورن سان نه. ٽنڊو باگو ۾ جلسي کي خطاب ڪندي هن چيو ته ايم ڪيو ايم سان اتحاد تي سندس آصف زرداري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

لاهور: پنجاب جي گورنر محمد بليغ الرحمان سان وفاقي وزير اسحاق ڊار ملاقات ڪندي

سون جي قيمت ۾ اڄ به وڏي واڌ ٿي وئي

عالمي مارڪيٽ ۾ في اونس سون جي قيمت ۾ 20 ڊالر واڌ ٿي آهي

جنهن کانپوءِ اهو 1920 ڊالرن جي سطح تي اچي ويو آهي

ڪراچي (رپورٽر) ملڪ ۾ سون جو اگهه وڌڻ جو سلسلو نه ٻيهجي سگهيو. اڄ به سون جي قيمت ۾ وڏي واڌ ٿي آهي. عالمي مارڪيٽ ۾ في اونس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڊي سي جي هدايت تي ڪارروائي، 7 هزار ڪٽڪ جون ٻوريون هٿ

ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي جي هدايت تي اسسٽنٽ ڪمشنر گهوٽڪي جي ڪارروائي

ڀيٽائي ڪاٽن فيڪٽري جي گودام تي ڇاپو، 7 هزار ڪٽڪ جون ٻوريون هٿ، خوراڪ کاتي حوالي

گهوٽڪي (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي جي هدايت تي اسسٽنٽ ڪمشنر گهوٽڪي جي ڪارروائي، ڀيٽائي ڪاٽن فيڪٽري جي گودام تي ڇاپو. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سرڪاري کاتن کي ڪرپشن کان پاڪ ڪرڻ جو فيصلو ڪرپشن ڪندڙ آفيسرن خلاف ڪارروائي جي منظوري ڏني وئي

پهرين مرحلي ۾ 10 کاتن جي هڪ سؤ 75 آفيسرن ۽ اهلڪارن خلاف ڪارروائي لاءِ اينٽي ڪرپشن کي پيپرس فراهم ڪيو ويو

جن کاتن ۾ بدعنوان آفيسرن خلاف ڪارروائي جي منظوري ڏني وئي، ميونسپالٽي، فوڊ ۽ افرادي قوت، تعليم، ثقافت ۽ ٻيا کاتا شامل آهن

اينٽي ڪرپشن آرڊر ذريعي بدعنواني، آفيسرن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ کان علاوه اوپن انڪوائري ڪرائڻ جي به تجويز ڏني وئي آهي

ڪراچي (رپورٽر) اينٽي ڪرپشن کاتو سنڌ ڊيجيٽلائيز ٿيڻ بعد ايڪشن ۾ اچي ويو ڪارروائيون تيز ڪري ڇڏيون خوراڪ محنت افرادي قوت ورڪس اينڊ سروسز سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي ثقافت سياحت کاتي سنڌ سميت خانگي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

معاشي بحران، حڪومتي خرچ گهٽائڻ لاءِ فوج جو انگ گهٽائڻ جو فيصلو

بدترين معاشي بحران جي شڪار ملڪ سريلنڪا حڪومتي خرچ گهٽائڻ لاءِ فوج جو انگ گهٽائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي

سريلنڪا ايندڙ سال تائين فوج جو انگ گهٽائڻ جو فيصلو ڪيو آهي جيڪو هڪ لک پنجٽيهه هزار تائين آندو ويندو: پرڏيهي ميڊيا

فوج جو انگ گهٽائڻ واري قدم جو مقصد به هزار ٽيهه تائين ٽيڪنيڪي ۽ حڪمت عملي جي حوالي سان صحيح ۽ متوازن دفاعي قوت بڻائڻ آهي

ڪراچي (م د) بدترين معاشي بحران جي شڪار ملڪ سريلنڪا حڪومتي خرچ گهٽائڻ لاءِ فوج جو انگ گهٽائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. پرڏيهي ميڊيا جي رپورٽن موجب سريلنڪا جي ٻجاءَ واري وزير جو چوڻ آهي ته سريلنڪا ايندڙ سال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

حياتي بچائيندڙ 110 دوائن جي اگهن ۾ واڌ جي سفارش

اسلام آباد (م د) ملڪ ۾ حياتي بچائيندڙ دوائن جي کوٽ وڌي وئي. جنهن سبب ڊرگ ريگيوليٽري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ايران جاسوسي جي الزام هيٺ پنهنجي اڳوڻي نائب وزير دفاع کي ڦاهي ڏئي ڇڏي

تهران (م د) ايران ۾ برطانوي شهريت رکندڙ دفاع واري اڳوڻي نائب وزير علي رضا اڪبري کي ڦاهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪراچي: بلدياتي اليڪشن جي اميدوارن لاءِ سامان تيار ڪيو پيو وڃي

ٺٽي ۾ اڄ ٿيندڙ ٺٽي چونڊ لاءِ تياريون مڪمل، اميدوار ڪاميابي لاءِ پرعزم

20 يوسيز مان 152 اميدوار بنا مقابلي ڪامياب قرار، 20 يوسيز ۾ مقابلي جو امڪان

ٻن ٽائون ڪميٽين گهوڙاٻاري ۽ ڳاڙهو ۾ پ پ جي حمايت ۾ اميدوار بنا مقابلي ڪامياب

58 سيٽن تي مقابلو متوقع، ضلعي انتظاميا سمورين تياريون مڪمل ڪري ورتيون

ٺٽو(جاويد ميمڻ)ٺٽي ۾ 15 جنوري تي ٿيندڙ ٺٽي چونڊ لاءِ تياريون مڪمل، 20 يوسيز مان 152 اميدوار بنا مقابلي ڪامياب قرار، 20 يوسيز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٺٽو : اڄ ٿيندڙ ٺٽي چونڊ لاءِ تياريون مڪمل نظر اچي رهيون آهن

سيٺارجا ۾ فلور مل مالڪ جي غنڊه گردي، اخباري هاڪر مٿان ڪڙڪي پيو

سيٺارجا(رپورٽر)سيٺارجا شهر ۾ فلور مل مالڪ جي غنڊه گردي، 45 سالن کان وڏيڪ شهر ۾ اخبار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

اسلام ڪوٽ پرسان نوجوان جوڙي ۾ ڦاهو کاڌل لاش هٿ

پوليس لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد وارثن جي حوالي ڪري ڇڏيو

نوجوان گهروارن کان ڪنهن ڳالهه تي ناراض ٿي آپگهات ڪيو آهي: چوٻول

ل ٽنگيل لاش هٿ، پوليس لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد وارثن جي حوالي ڪيو. تفصيل موجب :اسلام ڪوٽ جي ڳوٺ آسوجي ڍاڻي ۾ 16 ورهين جي نوجوان مولچند ولد گينو ڀيل جو ڦاهو کاڌل لاش وڻ ۾ ٽنگيل حالت ۾ ڏسي ڳوٺاڻن پوليس کي اطلاع ڪيو،اسلام ڪوٽ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ اسلام ڪوٽ جي اسپتال آندو،انهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

گلاب لغاري ۾ ملهه راند جي پارڪو مرحوم محمد حسن سريوال جي ياد ۾ تقريب

ثقافتي راند ملهه ملاڪڙو ۽ صوفياڻي راڳ رنگ جي محفل ٿي گذري، سڄاڻ ڌرين جي شرڪت

تنوير احمد سريوال ابير احمد سريوال سميت علائقي جي سياسي سماجي اڳواڻن پڻ شرڪت ڪئي

سنڌ_بلوچستان جي مشهور ملهه پهلوانن سخت ۽ دلچسپ مقابلا ڪري واهه واهه ڪرائي ڇڏي

گلاب لغاري(رپورٽر گلزار لغاري) گلاب لغاري ۽ پرياسي جي مشهور مهمان نواز سماجي شخصيت ۽ سنڌ جي ثقافتي ملهه راند جي پارڪو مرحوم محمد حسن سريوال جي ياد ۾ سنڌن فرزند ۽ ملهه ايسوسيئيشن جي سرپرست اعليٰ محبوب خان سريوال ۽ حاجن خان سريوال جي ميزباني هيٺ 28 هين ورسي جي هڪ روزه شاندار تقريب ٿي گذري انهي موقعي تي ثقافتي راند ملهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

گلاب لغاري : ملهه راند جي پارڪو مرحوم محمد حسن سريوال جي ياد ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي

سنڌ زرعي يونيورسٽي پاران قانوني صلاحڪار جي ذريعي پٽيشن داخل

ٽنڊوڄام (رپورٽر) سنڌ هائي ڪورٽ حيدرآباد سرڪٽ بئنچ پاران سنڌ زرعي يونيورسٽي پاران پنهنجي قانوني صلاحڪار جي ذريعي پٽيشن داخل ڪئي هئي، جنهن ۾ يونيورسٽي پاران ٽنڊوڄام شهر ۾ سروي نمبر 336 ۽ 340 کي يونيورسٽي جي ملڪيت ڄاڻائيندي سنڌ ڪچي آبادي کاتي پاران انهن سروي نمبرن کي ٽين ڏر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نئون ديرو ۽ پروارا علائقي ۾ سيءَ ۾ اضافو، رهواسي گهرن تائين محدود

گذريل رات کان هلندڙ سيءَ سبب درجي حرارت 1 سينٽي گريڊ تائي پهچي ويو

مرچ، ۽ بصري جي فصل کي ڪاپاري نقصان، سيءُ سبب هارين جا مٿي کي هٿ اچي ويا

ايل پي جي مهانگي هجڻ ڪري گهٽ آمدني وارا ماڻهون ڪاٺيون استعمال ڪرڻ تي مجبور

نئون ديرو (رپورٽ شاد محمود پٺو) نئون ديرو ۽ ان جي پروارا علائقي ۾ سيءَ ۾ اضافو گذريل رات کان هلندڙ سيءَ سبب درجي حرارت 1 سينٽي گريڊ تائي پهچي ويو، علائقي ۾ چماتو، ويا، برسات جي تباهي بعد سياري جي سيءَ سبب هارين جولکين روپين جو نقصان ٿي ويو. مرچ، ۽ بصري جي فصل کي ڪاپاري نقصان سخت سيءُ سبب هارين جا مٿي کي هٿ اچي علائقي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

دادو ۾ ڊيلي ويجز ميونسپل ملازمن پاران پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ايڊمنسٽريٽر جاويد احمد راهپوٽو گذريل ٻن مهينن کان بلاجواز پگهارون بند ڪري ڇڏيون آهن: مظاهرين

پگهارون نه ملڻ سبب فاقا ڪشي تي مجبور آهيون، ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي ۾ گذر سفر مشڪل بڻجي ويو آهي

اسان غريب ۽ مسڪين آهيون، رهيل پگهارون ڏئي فاقا ڪشي کان بچائي انصاف فراهم ڪيو وڃي

دادو(ن سنڌيار) دادو ۾ ڊيلي ويجز ميونسپل ملازمن پاران منارعلي ڏاوچ ، عبدالحق ٻبر ، ستار سيال ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پگهارون نه ملڻ خلاف پريس ڪلب دادو آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي مظاهرين ميڊيا سان ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ٽائون ڪميٽي ناروشاهه ۾ مقرر ٿيل ڪرپشن جي ماسٽر مائينڊ خلاف ڪنهن به ڪارروائي نه ڪئي

ناروشاهه(رپورٽر)ٽائون ڪميٽي ناروشاهه ۾ مقرر ٿيل ڪرپشن جون ماسٽرمائينڊ فرحان ميمڻ جنهن ٽائون ڪميٽي ناروشاهه کي تباهه برباد ڪرڻ لاءِ هن پنهنجا ڪرتب ڏيکارڻ لاءِ پنهنجا ڪرتب ڏيکارڻ شروع ڪيا هن ويزا تي ويل ملازمن کان في ملازم 5000 کان 7000 هزار پٽو وٺڻ سميت جعلي ڪاٽي جنسي جا بل ٺاهڻ سميت ڪيترائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

دادو : ڊيلي ويجز ميونسپل ملازمن پاران پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

دادو ۾ گرينڊ هيلٿ الائنس جي سڏ ڇهين ڏينهن به احتجاج جاري، نعريبازي

سمورين اسپتالن ۾ ڪنڊ عملي طرفان ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي 2 ڪلاڪ او پي ڊي جو بائيڪاٽ ڪيو

هيلٿ ملازمن جي جائز مسئلن کي سنڌ حڪومت حل ڪرڻ ۾ ڪڏهن سنجيدگي نه ڏيکاري آهي: مظاهرين

رسڪ الائونس، هيلٿ پروفيشنل الائونس سپورٽنگ اسٽاف جي ٽائيم اسڪيل سميت ٻيا مطالبا تسليم ڪيا وڃن

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) گرينڊ هيلٿ الائنس سنڌ جي صحت کاتي ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن جي گڏيل اتحاد طرفان ٻئي مرحلي ۾ پهنجن جائز حقن جي حاصلات لاءِ ڪيل اعلان تي ڇهين ڏينهن به سول اسپتال دادو ۽ ضلع دادو جي سمورين اسپتالن ۾ ڪنڊ عملي طرفان ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي 2 ڪلاڪ OPD بند ڪري فيميل او پي ڊي آڏو ٽوڪن هڙتال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

شڪارپور بچايو تحريڪ جي نون عهديدارن جي حلف برداري جي شاندار تقريب

منعقد چونڊيل عهديدارن کي اليڪشن ڪمشنر ڊاڪٽر طاهر سومرو حلف کڻايو، صوبائي وزير امتياز شيخ جي شرڪت

اين آئيس وي ڊي، آيس آءِ يو ٽي، ٿيليسيميا، هاڪي گرائونڊ ۽ ميگا پراجيڪٽ سميت پروجيڪٽ ڏنا آهن: امتياز شيخ

هن پليٽ فارم تان شهرين جي خدمت جاري رکندا سين شهر جا مسئلا سڀ کان اولين ترجيح آهن: مجيب الرحمان مدني

شڪارپور(عبدالخالق سومرو) شڪارپور بچايو تحريڪ جي سال 2023 لاءِ چونڊجي آيل نون عهديدارن جي حلف برداري جي شاندار تقريب منعقد چونڊيل عهديدارن کي اليڪشن ڪمشنر ڊاڪٽر طاهر سومرو حلف کڻايو صوبائي وزير امتياز شيخ مهمان خاص طور شريڪ شهر جا سمورا جائز مسئلا حل ڪنداسين اين آئيس وي ڊي، آيس آءِ يو ٽي، ٿيليسيميا، هاڪي گرائونڊ ۽ ميگا پراجيڪٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

شڪارپور : بچايو تحريڪ جي نون عهديدارن جي حلف برداري جي شاندار تقريب ٿي گذري

دادو ۾ اڄ مڪاني ادارن جي چونڊن، انتظاميه تياريون مڪمل ڪري ڇڏيون

66 يونين ڪائونسلن 4 ميونسپل ۽ 4 ٽائون ڪاميٽين جي 545 سيٽن تي 1425 اميدوارن ۾ مقابلو ٿيندو

لک 12 هزار 4 سئو 72 ووٽر پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪندا، 6 سئو 38 پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون ويون

6747 پولنگ اسٽاف ڊيوٽي سرانجام ڏيندا سڄي ضلعي ۾ پولنگ واري ڏينهن قلم 144 لاڳو رهندو

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ضلعي ۾ مڪاني ادارن جي چونڊن ۾ سياسي (اڄ) پ پ پ پي ٽي آءِ ن ليگ، تحريڪ لبيڪ پاڪستان، ۽ ٻين پارٽين سميت آزاد اميدوار آمهون سامهون ٿيندا. جنهن لاءِ تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن. خبر موجب:مڪاني چونڊن جي ٻئي مرحلي ۾ ضلعي دادو جي ٽوٽل 66 يونين ڪائونسلن 4 ميونسپل ۽ 4 ٽائون ڪاميٽين جي 545 سيٽن تي 1425 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

پريا روڊ ۾ سماجي تنظيم پاران متاثرن ۾ راشن ورهايو ويو

ترڪي کان آيل معزز مهمانن کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪ ۽ ٽوپين جا تحفا پيش

ڪوشش هوندي ته وڌ کان وڌ مسڪين ماڻهن جي خدمت ڪري سگهون: اڳواڻ

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) پرياروڊ جي العظيم فيڪٽري ۾ سماجي تنظيم بيت السلام جي اڳواڻ سجاد علي ميمڻ پاران 600 کان وڌيڪ برسات متاثرن ۾ راشن ورهايو ويو ان موقعي تي ميزبانن حاجي ذوالفقار مهر فقير طالب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نوشهروفيروز ۾ محقق قاضي مقصود احمد جي ٻن ڪتابن جي مهورت

سنڌ رائٽرز فورم جي صوبائي صدر اعجاز ممنائي، خيال ڪتري، ناچيز ميمڻ ۽ ٻين جي شرڪت

مقصود احمد سمنڊ جو قطرو قطرو ڪري ڪتاب جي صورت ۾ قوم کي ڏئي رهيو آهي: مقرر

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ)سنڌي ادبي سنگت پاران نوجوان شاعر ۽ محقق قاضي مقصود احمد جي ٻن ڪتابن، مقصود حيات ۽ تلاش سنڌ جي مهورتي تقريب شهيد ذوالفقار علي ڀٽو لائبريري ۾ ٿي گذري جنهن جي صدارت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڪراچي جي تيسر ٽائون ۾ جونيئر ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ شروع

رنگا رنگ افتتاحي پروگرام عبدالله گبول ڳوٺ جي الغفار ريسٽورنٽ جي هال ۾ ڪرايو ويو

ٽيمن جي ڪپتانن سان صلاح ڪرڻ بعد نوجوان ڪلاڙين کي ٽيم ۾ شامل ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ڀهراڙي واري علائقي تيسر ٽائون ۾ جي پي ايل پاران جونيئر ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ ڪرائڻ لاءِ 20 ٽيمن کي گڏ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

اسسٽنٽ ڪمشنر پريا سٽي پاران اکين جي ڪئمپ جو دورو

مفت اکين جي ڪئمپ ۾ 300 مريضن جي اکين جا آپريشن ڪيا ويا،

هن خيرجي ڪمن ۾ مخير حضرات اڳتي نه اچن: اسسٽنٽ ڪمشنر

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) اسسٽنٽ ڪمشنر پريا سٽي شاهد حسين سرڪي اڄ ناروشاهه ۾ سول سوسائٽي پاران لڳايل فري آئي ڪيمپ جو دورو ڪيو ان موقعي تي ڪيس ٻڌايو ويو ته هن ب جڏهن ته 600 جي لڳ ڀڳ مريض جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

پولنگ اسٽيشنن تي ضروري سامان پهچايو ويو آهي: ڊي سي ٺٽو

پيئڻ جي پاڻي، صفائي سٿرائي سميت سمورين سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن

ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال معمول تي آهي: غضنفر علي قادري

ٺٽو(جاويد ميمڻ) ٺٽي ۾ مڪاني چونڊن جي ٻئي مرحلي لاءِ تياريون مڪمل، سمورڊن پولنگ اسٽيشنن تي ضروري سامان پهچايو ويو آهي، ڊپٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٺٽو : ڊي سي ٺٽو ميڊيا سان ڳالهائيندي

نئون ديرو ۾ سماجي ورڪر محمد انيس پٺو انساني خدمت ۾ اڳ پرو

هن وقت تائين 50 کان وڌيڪ مستحق معذورن ۾ ويل چيئر تقسيم ڪري چڪو

سوين يتيم ٻارڙن کي عيدن تي نوان ڪپڙا وٺي ڏيڻ، مسڪين بيمارن جون آپريشن ڪرايون

نئون ديرو(رپورٽ شاد محمود پٺو)سماجي ورڪر محمد انيس پٺو انساني خدمت ۾ اڳ پرو، هن وقت تائين 50 کان وڌيڪ مستحق معذورن ۾ ويل چيئر (ٽرائي سائيڪلون) تقسيم ڪيا،رپورٽ موجب بنگل ديري جو رهواسي سماجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

دادو ۾ پاڪستان خانگي اسڪول ايسوسيئيشن پاران تقريب

ايسوسيئيشن جو چيئرمين انور علي ڀٽي ڪراچي ڊويزن صدر سيد فريد جي شرڪت

دادو صدر عبدالجبار منگي، نائب صدر شير محمد سومرو جنرل سيڪريٽري مقرر

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) پاڪستان خانگي اسڪول اينڊ ڪاليجز ايسوسيئيشن جي طرفان ضلعي دادو جي ليڊ پبلڪ اسڪول ۾ تقريب ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ پاڪستان پرائيويٽ اسڪول اينڊ ڪاليجز ايسوسيئيشن چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

دادو :خانگي اسڪول ايسوسيئيشن جا عهديدارن جي حلف تقريب جو ڏرڪ

دادو ۾ دوڪان مان ميبنا چوري جي الزام ۾ 3 معصوم ڇيڪرون گرفتار

سيما، رمشا، 6 سالن نظيران ڏيءُ وسيم جعفري کي اي سيڪشن ٿاڻي تي رکيو ويو

معصوم ڇيڪرون اي سيڪشن ٿاڻي ۾ زارو قطار روئنديون رهيون، وارث ٿاڻي تي نه پهتا

دادو(ن سنڌيار) دادو شهر جي اي سيڪشن ٿاڻي سامهون اليڪٽرانڪ جي دوڪان مان ميبنا چوري جي الزام ۾ 3 معصوم ڇيڪرون گرفتار، نصير آباد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

عادلپور پوليس جي گشت دوران ڪارروائي، هڪ جوابدار گرفتار

پوليس 200 عدد گٽڪي پان پراگ جي پڙين ۽ 200 روڪ رقم سميت جوابدار کي گرفتار ڪيو

پوليس گرفتار ڪيل جوابدار کي برآمد پان پراگ جي پڙين سميت ٿاڻي تي ڪٺي آئي، ڪيس داخل

جان محمد سوسائٽي(غلام رسول مهر)ب لس لڳ او محمد قابل بو گشت دوران هڪ گجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي، ڪڏ واري لنڪ روڊ لڳ ڏگري ڪاليج عادلپور وٽان هڪ جوابدار امام دين ولد روشن شيخ ويٺل ڳوٺ گڪگي تعلقو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

جان محمد سوسائٽي : پوليس جي گشت دوران ڪارروائي ۾ جوابدار گرفتار ڪري ورتو

دادو ۾ ايس ايس پي آفيس مڪاني چونڊن جي حوالي سان اجلاس منعقد

ايس پيز، سمورن ٿاڻن جي ايس ايڇ اوز، ڊي آءِ بي جي انچارج ۽ هيڊ آف برانچن جي انچارجن به شرڪت ڪئي

468 حساس پولنگ اسٽيشنز ۽ 170 انتهائي حساس پولنگ اسٽيشنز کي نامزد ڪيو ويو آهي : ايس ايس پي

468 حساس پولنگ اسٽيشنز ۽ 170 انتهائي حساس پولنگ اسٽيشنز کي نامزد ڪيو ويو آهي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ بلدياتي اليڪشن 2023 ع جي ٻئي مرحلي جي سلسلي ۾ ايس ايس پي آفيس ۾ گڏجاڻي ايس ايس پي دادو ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادو گڏجاڻي جي صدارت ڪئي، ان موقعي تي 4 تعلقن جي ڊي ايس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

دادو : ايس ايس پي دادو ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادو گڏجاڻي جي صدارت ڪندي

ٺٽي پرسان ڊمپر ۽ ڪار ۾ ٽڪر، ٻن ٻارن سميت 4 ڄڻا زخمي

ٺٽو(رپورٽ جاويد ميمڻ) ٺٽي بائي پاس تي ڊمپر ۽ ڪار وچ ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ ٻن ٻارن سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

بدين ۾ اميدوارن پاران ووٽرن جي اڪثريت جي حمايت ڏيکارڻ لاءِ ريليون

پ پ ۽ جي ڊي اي، مرزا گروپ ۾ ۽ آزاد اميدوارن چونڊن دوران ڪانٽي جو مقابلو ٿيڻ جو امڪان

شهر جو سياسي وايو منڊل تبديل ٿيڻ وارو، بشرط چونڊون صاف شفاف ٿين جنهن جا امڪان گهٽ

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) مقاني ادارن جي چونڊن جي ٻئي مرحلي ۾ سڀاڻي 15 جنوري آچر جي ڏينهن بدين ميونسپل ڪميٽي جي 14 وارڊن تي جنرل ڪائونسلرن جي 14 سيٽن تي پيپلز پارٽي جي ڊي اي ايس يو پي جماعت اسلامي جي يو آئي تحريڪ انصاف تي ايل پي جي ۽ آزاد اميدوارن سميت 118 اميدوارن جي وچ ۾ سخت مقابلو آهي رات 12 وڳي ڪانيو اليڪشني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

شڪارپور پريس ڪلب جي نون چونڊيل عهديدارن حلف کڻي ورتو

پريس ڪلب ۾ زبردست تقريب ۽ صوفياڻي محفل موسيقي جو پروگرام پڻ ڪوٺايو ويو

ڪوٺايل تقريب ۾ سياسي سماجي، ادبي، صحافي ۽ مذهبي ڌرين جي شرڪت

خانپور، ميان جو ڳوٺ ۽ ٻين هنڌن تي ترقياتي ڪم تيزي سان جاري آهن: امتياز احمد شيخ

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) شڪارپور پريس ڪلب جي نون چونڊيل عهديدارن حلف کڻي ورتو، پريس ڪلب ۾ زبردست تقريب ۽ صوفياڻي محفل موسيقي جو پروگرام به منعقد، سياسي سماجي، ادبي، صحافي ۽ مذهبي ڌرين جي شرڪت، پي ٽي آئي حڪومت چار سال صرف ملڪ ۾ انتشار ڦهلايو ۽ سنڌ سان ماتيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو، صرف خالي اعلان ڪيا، صوبائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

شڪارپور : پريس ڪلب جي نون چونڊيل عهديدارن حلف کڻي ورتو

ڪراچي جي شاهه لطيف ٽاؤن ٿاڻي ۾ رشوت جو بازار گرم، اختياريون خاموش

پوليس رشوت عيوض سينئر صحافي مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ڪري صحافي کي لاڪپ ڪري ڇڏيو

صحافي شبير ابڙو مٿان انور بيگم نالي عورت کان ڪوڙو الزام هڻائي ڪيس داخل ڪرايو ويو

شبير ابڙو سان ذاتي ڪارروائي جي بنياد تي اهڙو ڪوڙو بيان ڏياري غلط حرڪت ڪرائي وئي آهي: عورت جا وارث

ڪراچي(رپورٽ باغي ساگر)شاهه لطيف ٽاؤن ٿاڻي ۾ رشوت جو بازار گرم راشي پوليس رشوت عيوض سينئر صحافي مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ڪري صحافي کي لاڪپ ڪري ڇڏيو. صحافي شبير ابڙو مٿان انور بيگم نالي عورت کان ڪوڙو الزام هڻائي ڪيس داخل ڪرايو ويو. ڪيس داخل ڪرائيندڙ عورت انور بيگم، جي امڙ زليخه، پاڻرن احمد ابڙو، منو ابڙو اهڙو بيان ڏينيدي ڪوڙي ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڏيپارجا ۾ مهانگائي زور وٺي وئي، غريب عوام پيڙجي ويو

هڪ ويلي جي ماني ڪائڻ لاچار بڻجي وئي، فلور مل مالڪ سرڪاري ريٽ تي اٽو ڏيڻ کان انڪاري

مهانگائي چوٽ چڙهي وئي آهي، شهر ۾ اٽو 130 کان 150 روپيا ڪلو ملي رهيو آهي: رهواسي

مهانگائي تي مڪمل طور ڪنٽرول ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

سيٺارجا(الطاف حسين پٺو)ڏيپارجا ۾ مهانگائي زور وٺي وئي، غريب عوام پيڙجي ويو هڪ ويلي جي ماني ڪائڻ لاچار بڻجي وئي، فلور مل مالڪ سرڪاري ريٽ تي اٽو ڏيڻ کان انڪاري ،سرڪاري اگر تي اٽو ڏيڻ کان انڪارفلور مل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سيٺارجا : ڏيپارجا ۾ اٽي جي اگهن ۾ واڌ خلاف شهري احتجاج ڪندي

ٽنڊي باگي جي 16 مان 15 يوسيز تي مڪاني ادارن جي اڄ چونڊ ٿيندي

هڪ يونين ڪائونسل سارنگ فقير مان پيلزپارٽي جا اميدوار بنا مقابلي ڪامياب قرار ٿي ويا

تعلقي ۾ 161 قائم ٿيل پولنگ اسٽيشنن مان 142 حساس ۽ انتهائي حساس قرار ڏنيون ويون

پ پ ۽ جي ڊي اي پاران پنهنجا پنهنجا اميدوار ڪٽرائڻ لاءِ ننهن چوٽي جا زور لڳائڻ وارو عمل جاري

ٽندوباگو(رپورٽ: سهيل سمون) تعلقي ٽنڊي باگي جي 16 يونين ڪائونسل مان 15 يونين ڪائونسلن تي مڪاني ادارن جي اڄ اليڪشن ٿيندي هڪ يونين ڪائونسل سارنگ فقير مان پيلزپارٽي جا اميدوار بنا مقابلي ڪامياب قرار ٿي ويا آهن، سڄي تعلقي ۾ 161 قائم ٿيل پولنگ اسٽيشنن مان 142 حساس ۽ انتهائي حساس قرار ڏنيون ويون آهن جڏهن ته پيپلزپارٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڏهرڪي ۾ اٽي جي کوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو، سخت نعريبازي

جام معشوق سميجو، جام مجيب سميجو، گلزار شر، محمود گبول، علي خان ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

جيستائين عوام حق وٺڻ جي صلاحيت پيدا نه ٿي ڪري اسان غلامي جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هونداسين: مظاهرين

اٽي جي هٽ ڙادو ڪوٽ ختم ڪري سستي اگهه تي هر دوڪان تي اٽو فراهم ڪيو وڃي جيئن عوام آساني سان اٽو وٺي سگهي

ڏهرڪي(رپورٽ لالچند موٽواڻي)ڏهرڪي ايس ٽي پي پاران مرڪزي سڏ تي ڏهرڪي پريس ڪلب پهچي اٽي جي کوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن جام معشوق سميجو جام مجيب سميجو، گلزار شر محمود گبول، علي خان ۽ ٻين چيو ته ڌاڙيلن ڪري ڪاميابيون حاصل ڪري ڪرسين تي ويٺل حڪمران ٻڪن ۽ اڄن ذريعي عوام کي ماري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڏهرڪي :اٽي جي کوٽ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

قمبر ۾ ڊپٽي ڪمشنر ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياري پوليو مهم جو افتتاح ڪري ڇڏيو

وڳڻ(رپورٽر) قمبر ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر اسپتال ۾ ڊپٽي ڪمشنر قمبر شهدادڪوٽ سليم الله اوڊو ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياري پوليومهم جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر سليم الله اوڊو چيو ته سڄي ملڪ جيان هت به 16 جنوري کان 22 جنوري تائين پنجن سالن کان گهٽ عمر واري ٻارن کي پوليو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سڄاول ۾ عورت جو بااثر پاران پنهنجي زرعي زمين تي قبضي خلاف احتجاج

چوهڙ جمالي باءِ پاس روڊ پرسان رهندڙ مسمات ساران نوحاڻي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي انصاف جي گهر ڪئي

بااثر زرعي زمين 4 ايڪڙ تي زبردستي قبضو ڪري پلاٽنگ ڪري ٻين ماڻهن کي وڪرو ڪري رهيو آهي: عورت

مونکي جان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي، اسان غريب ۽ مسڪين آهيون، نوٽيس وٺي انصاف ڏياريو وڃي: مطالبو

سڄاول (ڊ ر) سڄاول ۾ عورت جو بااثر پاران پنهنجي زرعي زمين تي قبضي خلاف احتجاج، انصاف جي گهر، سڄاول ويجهو چوهڙ جمالي باءِ پاس روڊ پرسان رهندڙ مسمات ساران نوحاڻي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي صحافين اڳيان ڏاهيندي چيو ته بااثر ڳ ميرباسين ٽالپر سڄاول پرسان چوهڙجمالي باءِ پاس لڳ منهنجي زرعي زمين 4 ايڪڙ 34 گهنٽا زبردستي قبضو ڪري ان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
آچر 15 جنوري 2023ع

سنڌ ۾ سستي اٽي جي فراهمي يقيني بڻايو

سنڌ حڪومت پاران اٽي جو نئون اگهه مقرر ڪرڻ باوجود اٽي جا اگهه گھٽجي نه سگهيا آهن. سڄي سنڌ ۾ اٽي جي وڌيل اگهن عوام جي مصيبتن ۾ واڌ آڻي ڇڏي آهي. اٽي جا اگهه وڌڻ ۽ مهانگائي خلاف سنڌ سراپا احتجاج بڻجندي پئي وڃي. لاڙڪاڻي ۾ اٽي جي کوٽ ۽ گراني ٽوڙ مهانگائي خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته "سنڌ حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي چڪي آهي، [illegible] احساس هجي ها ته ايئن "اطمنان" جو اظهار نه ڪري ها. ٻئي طرف سنڌ جو وڏو وزير هدايتون ته جاري ڪري ٿو پر انهن تي عمل ڪير ڪرائيندو؟ اسان جو حڪمرانن کان مطالبو آهي ته سستي اٽي جي سٽت فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي. جيڪو به ذخيرا اندوزي ۽ بليڪ مارڪيٽنگ ۾ ملث آهي ان خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ته عوام کي سستو اٽو ملي سگهي ٿو.

مڪاني چونڊ، متحدا نئين بوتل ۾ نئون شراب

الله بخش راٺوڙ

اليڪشن ڪميشن پاران سنڌ ۾ ٽئين مرحلي ۾ مڪاني چونڊن بابت تاريخ مقرر ڪندي، صوبي جي حڪومت جي فيصلي کي معطل ڪري ڇڏيو. ان جي باوجود نيٺ چونڊن جي حوالي سان ڪو به اتفاق راءِ نظر نٿو اچي. ان سان گڏ ايم ڪيو ايم جي ڌڙن، جن کي مڪاني چونڊن جي هن مرحلي لاءِ هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪيو ويو آهي، اهي قوتون جن الطاف حسين کانسواءِ باقي ڌڙن کي هڪ پارٽي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ مجبور ڪيو. انهن جي سموري محنت تي پاڻي ڦيرجندي نظر اچي ٿو. مڪاني چونڊن لاءِ مختصر وقت آهي، عدالتي جنگ لاءِ ميدان محدود آهي، اهڙي صورتحال ۾ معاملا ڪهڙو رخ اختيار ڪندا؟ انهن بابت اڳڪٿي ڪرڻ ممڪن نه رهي آهي. پر متحدا ۽ سنڌ حڪومت ساڳئي پيج تي ضرور اچي ويون آهن. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته پي ٽي آءِ کي سوڙهو ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي تيار ٿي آهي، جنهن تي عمل ڪرڻ سان عمران خان جا ڪراچي شهر جو ڪنٽرول سنڀالڻ وارا خواب ساڀيان ٿيندي نظر نه پيا اچن. ايم ڪيو ايم، ڪافي عرصي کان ٽڪرا ٽڪرا ٿي چڪي هئي، جيڪڏهن ائين چئجي ته ايم ڪيو ايم ڇهن گروپن ۾ ورهائجي وئي، جنهن ۾ هڪ طرف متحدا پاڪستان ۽ ٻئي پاسي الطاف حسين نظر آيو. 2018 ۾ عام چونڊون ٿيون، ان جي نتيجن سامهون اچڻ سان سيني ڏٺو ته ايم ڪيو ايم جا الطاف حسين کان الڳ ٿيل ڌڙا سياسي مات کائي ويا. ووٽ بينڪ ته تمام گهڻو گهٽ نظر آيو، پر ڪراچي شهر کي پي ٽي آءِ جي جهولي ۾ وڌو ويو، هي پلان يقينن واڳ ڌڻين جو هو، پر ان جي باوجود جيڪا ايم ڪيو ايم بچي، اها اسٽيبلشمنٽ جي چوڻ آکڻ سان اٿندي ويهندي رهي. ان وچ ۾ ننڍين چونڊن جا مرحلا به سامهون آيا، پر انهن ۾ به ايم ڪيو ايم جي ڪنهن به ڌڙي کي پذيرائي نه ملي. ايم ڪيو ايم جو توڙي جو اسٽينڊ انتهائي نفرت وارو رهيو، پر ان جي منظر تان پس منظر ۾ هليو وڃڻ سان ٽي ايل پي سميت اهي پارٽيون سامهون آيون، جن جي سياست کي سنڌ جي مستقبل لاءِ ناڪاري سمجهيو وڃي ٿو. تحريڪ لبيڪ ۽ جماعت اسلامي ڊگهي عرصي کانپوءِ ڪراچي مان ڪجهه سيٽون حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيون، يا وري انهن کي ڪاميابي ڏياري وئي، ڪي حلقا چون ٿا ته سياسي قوتن خاص ڪري پيپلز پارٽي کي ڪراچي مان پاسيرو ڪرڻ ۽ پي ٽي آءِ جو سياسي تڪ ناهڻ لاءِ رٿابندي ڪئي وئي، ان نئين صفبندي ۾ وڌيڪ نقصان لياري جهڙن علائقن کي ٿيو، جتان به ايم پي ايز ۽ هڪ ايم اين اي جماعت اسلامي، ٻيو لبيڪ ۽ ايم اين اي شاهجهان بلوچ پي ٽي آءِ جي کاتي ۾ سامهون آيا، پر گذريل اٺن، نون مهينن ۾ پي ٽي آءِ کي عاق ڪرڻ کانپوءِ واڳ ڌڻي نئين ايجنڊا تي عمل ڪري رهيا آهن. جن به نئين ايم ڪيو ايم يا متحدا پاڪستان جي پراڻن اڳواڻن کي نئين پليٽ فارم تي اچڻ کانپوءِ پڌو هوندو. انهن کي اندازو ٿيو هوندو ته هنن شهري بابوئن جي سوچ ۾ ڪو به فرق نه آيو آهي. هو هينئر به پراڻي سياست ڪن ٿا. خاص ڪري سنڌ جي حوالي سان انهن جا خيال انتهائي اگرا آهن. متحدا جو هڪڙو اڳواڻ ايستائين چئي رهيو هو ته "ڪراچي ۾ مقامي رهواسين جو ڪو به حصو ناهي، هتي مقامي پوليس ته مقرر ناهي، پر ڌاڙيل به ديسي ناهن"! جيڪڏهن ڪو انهن کان پڇي ها ته انهن جي ڪن ڪٽين، ماڌوري، ڪي ٽوءِ ٻين جي باري ۾ ڇا خيال آهي؟ ڇا انهن ڪراچي ۽ حيدرآباد کي امن جو گهر بڻايو؟ ڇا هو هاڻ به چاهين ٿا ته تاريخ جا متروڪ ڪردار هڪ ڀيرو ٻيهر ڪراچي ۽ حيدرآباد جي امن کي تاراج ڪن؟ جيڪڏهن ڪراچي، سنڌ جي گادي وارو شهر آهي ته اتي سنڌ پوليس ئي مقرر ٿيندي، جنهن ۾ اڪثريت سنڌي ڳالهائيندڙن جي آهي. فطري طور تي ڪراچي، سنڌ جو حصو هجڻ جي نتيجي ۾ ان تي عملداري به مڪاني سنڌين جي هجڻ گهرجي، هي ته تازو آيل ٻوڏ متاثرن، جن جو تعداد اٽي ۾ لوڻ برابر هو، انهن کي به ڌاڙيل سڏي رهيا هئا. انهن مان ڪيترائي سوشل ميڊيا توڙي فارمل ميڊيا تي چئي رهيا هئا ته ڪراچي واسي، رات جو جلد پنهنجن گهرن جا در بند ڪري سمهن. شهر ۾ ڌاڙيل پهچي ويا آهن. هي ساڳيو شهر آهي، جنهن ۾ روزانو هزارين ماڻهو ٻين صوبن يا ملڪن کان اچن ٿا. اهي متحدا جي اکين جا تارا آهن. انهن کي مستقل شهري جا سرٽيفڪيٽس ڏيارين ٿا. انهن جا سڃاڻپ ڪارڊ ٺهرائين ٿا. انهن کي ڊوميسائل ڏين ٿا. ته جيئن انهن جو ووٽ بينڪ مضبوط ٿئي. هي سلسلو اڄ جو ناهي، گذريل ٽن، چئن ڏهاڪن کان ائين ئي ٿي رهيو آهي.! اردو آبادي جا ايترائي بنيادي حق آهن. جيترا سنڌي ڳالهائيندڙن جا آهن.صوبي جي وڏي آبادي کي نه ئي سمنڊ ۾ اڇلائي سگهجي ٿو. نڪي واپس هندستان موڪلي سگهجي ٿي. هينئر جيڪي اردو ڳالهائيندڙ آهن.انهن جو ڀارت يا ڪنهن ٻئي ملڪ سان ڪو به واسطو ناهي، اهي فطري طور تي سنڌ جا شهري آهن. انهن جي حقن تي ڪو به سواليا نشان لڳائي نٿو سگهجي. پر اهي جن ڪيترن ئي ڏهاڪن کان اردو آبادي تي حڪمراني ڪئي، انهن ڪهڙا ڦاڙا ماريا؟ انهن ته اردو آبادي وارن علائقن کي بنيادي سهولتون روڊ ۽ رستا به ٺهرائي نه ڏنا، نه ئي انهن جي روزگار جو مسئلو حل ڪيو. متحدا جي خراب ۽ تڪراري ماضي هجڻ سبب ڪين عام چونڊون هجن يا مڪاني چونڊون، ڪين اردو آبادي نظر انداز ڪيو. جيڪڏهن ڪين هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪيو ويو آهي، ته ڇا هي اميد ڪري سگهجي ٿي ته پنهنجي وڏن شهرن جا اردو ڳالهائيندڙ هڪ ڀيرو ٻيهر متحدا کي ووٽ ڏيندا؟ هينئر، اهي لانڍيا صحافي دانشور، جن جو سنڌ جي شهري آبادي سان ڪو به واسطو ناهي، اهي هر چينل توڙي ميڊيائي حلقن ۾ چون ٿا ته متحدا ۾ شامل اڳواڻن کي هڪڙو موقعو ملڻ گهرجي. انهن کي گهڻو عرصو اقتدار کان محروم رکڻ کانپوءِ اقتدار ڏنو ويو ته اهي آپي کان نڪري ويا. انهن کي يقينن فوجي آمر پرويز مشرف ۽ جنرل ضياءَ به استعمال ڪيو، پر ان ۾ انهن جو ڏوهه نه هو. اهي سياسي طور گهڻا ميچوئر نه هئا. انڪري هو استعمال ٿي ويا.! انڪري جيئن عمران خان جي مخالفن کي سياسي اسٽيج ڏنو ويو آهي، تيئن هنن کي به هڪ ڀيرو ٻيهر اقتدار جو مزو وٺڻ جو موقعو ڏنو وڃي. سوچڻ جهڙي ڳالهه آهي ته جيڪڏهن ڪجهه حلقا، متحدا کي پ پ سان گڏ پاور شيئر ڏياري به وٺن، ان کانپوءِ ڪير ضمانت ڏيندو ته هو هڪ ڀيرو ٻيهر ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ خون جي هولي نه کيڏندا؟ هي پڇي سگهجي ٿو ته ڇا گذريل چونڊن ۾ انهن کي عوام رد ڪيو هو يا انهن جي جاءِ تي پي ٽي آءِ کي ڄاڻي واڻي مڙهيو ويو؟ جيڪڏهن نئين متحدا جا اڳواڻ هڪ پليٽ فارم تي اچي به وڃن، ان جي باوجود، عوام ڪين ووٽ ڏئي ته ڇو ڏئي؟ هي شهري بابو ڪيترا به پاڻ کي پڙهيل لکيل سمجهن پر ڇا اهي سنڌ جي وسيع مفادن خاطر سنڌ جي عوام سان گڏ بيهندا؟ سنڌ جي مالي وسيلن جي حاصلات لاءِ ڪيترو ساٿ ڏيندا؟ انهن جو ماضي بلڪل ان جي ابتڙ آهي. اهي نه صرف ڪيترائي ڀيرا پيپلزپارٽي جا اتحادي رهيا، پر انهن فنڪشنل ليگ کان وٺي، انهن سمورن ڌرين جي پکين جو ساٿ ڏنو،جن سنڌ پرستي جون دعوائون ڪرڻ باوجود سنڌ کي گهڻو سياسي ۽ معاشي نقصان پهچايو. جيڪڏهن هو سٺي حڪمراني قائم ڪن ها ته ڏيڍ ڏهاڪي کان پيپلز پارٽي حڪمران جماعت نه هجي ها. جيڪڏهن هاڻ هو پيپلز پارٽي سان گڏ ڪراچي جي ميئرشپ يا حيدرآباد جي ناظم اعليٰ جي عهدن تي سوديبازي ڪرڻ گهرن ٿا ته ان مان سنڌ کي ڪهڙو فائدو ٿيندو؟ هي به ڏسون پيا ته متحدا، هينئر به پيپلز پارٽي کان وڌيڪ ن ليگ جي اتحادي آهي. هنن ن ليگ جي خاطرين ۽ واڳ ڌڻين جي اشارن تي گڏيل حڪومت ۾ شموليت اختيار ڪئي. ان پارٽي جي اڳواڻن قومي اسيمبلي توڙي سينيٽ يا سنڌ اسيمبلي ۾ جيڪي تقريرون ڪيون، اهي ريڪارڊ تي موجود آهن. انهن سنڌي ۽ اردو آبادين ۾ نفرت ڦهلائڻ ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏي. هينئر به هو چون ٿا ته ڪراچي ۾ پوليس ۽ ڌاڙيل سنڌي آهن! متحدا ۾ جن ڌرين کي شامل ڪيو ويو آهي، يقينن سان چئي سگهجي ٿو ته ان پٺيان اهي ئي هٿ آهن، جن جا ڀيرا واڳ ڌڻين جي در تي ختم ٿين ٿا. اهي سنڌ حڪومت کي به دٻاءَ ۾ رکڻ گهرن ٿا. هي به حقيقت آهي ته سنڌ حڪومت ۾ ڪي فرشتا ته نه ويٺا آهن، نه ئي اهڙي اميد ڪري سگهجي ٿي، پر هتي برائي ۽ گهٽ برائي واري سوچ موجود آهي، پر طاقتور ڌريون، جنهن متحدا جي گهوڙن تي شرط لڳائي هئي، اهي ريس ۾ ڊوڙي به سگهندا يا نه؟ ان حوالي سان متحدا باني جو ذڪر ڪيترائي ڀيرا سامهون آيو سنڌ جي گورنر کان وٺي، متحدا جي اڳواڻن تائين سمورا چون ٿا ته اهي جيڪي ملڪ جا وفادار آهن. انهن کي متحدا ۾ شامل ڪيو ويو آهي. هو سمجهن ٿا ته الطاف حسين هينئر به محب وطن پاڪستانين جي لسٽ ۾ شامل ناهي، انڪري موجوده متحدا کي مائنس الطاف حسين سمجهيو وڃي. هي انهن جي پنهنجي صفبندي آهي. پر ماضي ثابت ڪيو ته موجوده متحدا اڳواڻن جو ووٽ بينڪ ناهي. انڪري هو واڳ ڌڻين کي مايوسي کانسواءِ ڪجهه به ڏئي نٿا سگهن، رڳو پيپلز پارٽي پنهنجو آڱريون ساڙڻ کان پاسو ڪري.

ڪُهي سو ڪَرَ لَهِي، ڪُوئي سو قَرِيبُ؛
اِها عادتَ سِکيو هَرَ زَمانَ حَبِيبُ؛
تِجي سو طَبِيبُ، سوئِي راحتَ رُوحَ جي.

ماني مهانگي موت سستو

ذوالفقار چانڊيو

سنڌ اهو صوبو آهي جيڪو قدرتي وسيلن سان مالامال آهي تيل گيس ڪوئلو سون لوهه سميت زرعي حوالي سان سنڌ صوبو وڏي اهميت وارو آهي جتي ڪاٽن پيدا ٿئي ٿو هر شيءِ ۽ سڀني فروٽ ميوات سميت سنڌ جي خطي جو حسن آهي. ايئن ڪئي چئجي ته قدرت جي هر نعمت سنڌ سگوري ۾ موجود آهي پر هن خوشحال صوبي جي رهاڪن جو حال بيان ڪجي ته ڪيڏو ٿو محسوس ٿئي ته هي خوشحال ڌرتيءَ جا رهواسي ته پٿر جي دور جا رهندڙ ماڻهو آهن. سنڌن ذاتي زندگي تمام گهڻي مشڪل مصيبتن واري گذرندي رهي ٿي. ڪين وقت جي حڪومتن طرفان بنيادي سهولتن سميت ڪي به سهولتون نه ملڻ جي ڪري ويچارا ننڍڙڪا دربدري واري زندگي گذاري رهيا آهن. جيڪڏهن سنڌن ڏکن سورن جو ذڪر ڪجي ته اخبارن جا صفحا ڀرجي ويندا پر هن خوشحال ڌرتيءَ جي ماروئڙن جا اهنج ختم نه ٿي سگهندا. سڀني سورن تڪليفن کي ڇڏي جيڪڏهن غريب مسڪين ماڻهن جي صرف هڪ ڏينهن جي سورن دردن جو داستان بيان ڪجي ته ڏهن به دل دانهون ڪوڪون ڪندي روئندي تڙپندي رهي ٿي ته هي منهنجي ديس جي ماڻهن سان ڪيڏو ظلم ۽ ناانصافي ٿي رهي آهي جو اڄ ڪلهه غريب مسڪين ماڻهو اٽي جي لپ ماني ڳيپي لاءِ پريشان ۽ دربدر ٿي رهيا آهن. سرڪاري اسٽالن توڙي فلور ملز اڳيان اٽو خريد ڪرڻ لاءِ وڏي رش ۽ قطارون نظر اچن ٿيون هي ڪهڙو ڏوراچي ويو آهي جو خوشحال صوبي سنڌ جا ماڻهو اٽي جي لپ، ماني ڳيپي لاءِ پريشان ۽ ننڍڙڪا لڳا پيا آهن. هرجڳهه تي ڌڪا ٿاڦا کائڻ تي مجبور آهن جتي ڪين تذليل جو نشانو بڻائي اٽي جي لپ ملي رهي آهي. پرهاڻي صورتحال ايتري خطرناڪ ۽ مشڪل واري بڻجي وئي جو اٽي جي لپ خريد ڪرڻ ڀويان ماڻهن جي مرڻ ۽ جسم کان معذور ٿيڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي. صرف هڪ ڏينهن اندر سنڌ ۾ 2 افسوسناڪ واقعا سامهون آيا آهن جنهن نازڪ دل رکندڙ ماڻهن کي روئڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي ته هي منهنجي خوشحال ديس جي غريب مسڪين ماڻهن سان ڪيڏو وڏو ظلم ٿي رهيو آهي. جيئن ڪجهه ڏينهن اڳ ميرپورخاص ۾ اٽو خريد ڪرڻ دوران رش وڌي وڃڻ ڪري هڪ مسڪين پورهيت هرسنگ ڪولهي چيپاڻجي فوت ٿي ويو. اهڙو افسوسناڪ واقعو وقت جي حڪمرانن جي منهن تي زوردار چماٽ آهي. هي صرف هڪ غريب مسڪين جو قتل نه پر سڄي سنڌ جي غريبن مسڪينن جو قتل آهي جن کي ماني ڳيپي لاءِ ايترو دربدر ۽ پريشان ڪيو پيو وڃي. صرف ايترو نه پر منهنجي ادبي علمي شهر سڪرنڊ ۾ فلور مل تي اٽو خريد ڪرڻ دوران رش ۾ لتاڙجڻ سبب ٻن عورتن سميت هڪ معصوم ٻارڙيءَ جي ٽنگ ڀڄي پئي آهي. خوشحال سنڌ جي غريب مسڪين ماڻهن کي اٽي جي لپ ڀويان پنهنجي زندگي جي بازي هارائي ٿي پوي. ڪي وري نياڻيون نماڻيون اٽي جي لپ لاءِ معذور اپاهج بڻجي رهيون آهن. نياڻي نماڻي هوندي آهي جنهن کي سنڌ ۾ ست قرآن جي برابر سمجهيو ويندو آهي پر نااهل حڪمرانن جي غلط فيصلن نياڻين نماڻين کي اٽي جي لپ ڀويان معذور بڻائي ڇڏيو آهي. اهڙي قسم جا واقعا دل کي جهير ڏيندي سوال ڪري رهيا آهن ته آخر عوام جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ عوام جا هڏوڪي سياستدان حڪمران غريب عوام کي نڌڪو ڇڏي ڪٿي گم ٿيل آهن. اهڙن واقعن جو ڪو داد فرياد ٿيندو يا وري سنڌ اندر غريب مسڪين ماڻهن لاءِ ماني مهانگي ۽ موت سستو بڻيل رهندو جنهن جي ڪري بس سنڌي ماڻهو ننڍڙڪا بڻجي مرندا رهندا. حقيقت ۾ اهڙن واقعن جو ڪيس وقت جي حڪمرانن سميت چونڊيل نمائندن مٿان داخل ٿيڻ گهرجي جيڪي عوام جي ووٽن تي چونڊجي اقتدار جا مزا ماڻي رهيا آهن جڏهن ته غريب مسڪين ماڻهو سخت تڪليفن پريشانين کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن.

بقايا 01

استعمال ڪن. سنڌس چوڻ هو ته اسان ايم ڪيو ايم کي چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ سمجهائيندا رهياسين پر ناڪام رهياسين. ايم ڪيو ايم کي درخواست آهي ته اها مڪاني چونڊن ۾ ڀرپور حصو وٺي. پ پ چيئرمين وڌيڪ چيو ته اسان اتحادين جا خدشا ختم ڪرڻ چاهيون ٿا ۽ انهن جا خدشا ختم ڪرڻ جي ڪوشش به ڪئي سين. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته چونڊن کانپوءِ سڀني جماعتن سان گڏجي ڪراچي جي ترقي لاءِ ڪم ڪنداسين. چاهيون ٿا ته هاڻوڪو مڪاني نظام ئي رهي ته جيئن سڀ گڏجي بهتري لاءِ ڪم ڪري سگهون.

بقايا 02

ڇڏي آهي .رپورٽ ۾ چيو ويو ته استادن جي حاضري يقني ناهڻ جي لاءِ 7ڊسٽرڪٽ ايپ 16 جنوري کان لانچ ڪري رهيا آهيون .شاگردن جي لاءِ به حاضري کي يقني ناهڻ جي سسٽم جي لاءِ مختلف ادارن سان ڳالهه ٻولهه هلي رهي آهي .جڏهن شاگردن جي ڊيٽاانٽري اسڪول ليول تي استادشروع ڪندا .رپورٽ چيو ويو ته 4هزار 4سئو30بند اسڪول کوليا ويا آهن .جڏهن ته ٿرپارڪر ۽عمرڪوٽ ۾ 5سئواسڪول کولڻ جو عمل جاري آهي .بند اسڪولن جو عمل به هفتن ۾ مڪمل ڪيو ويندو .رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته غير حاضر 7سئو 93استادن جي خلاف ڪاروائي ڪئي وئي آهي .5سئو74غير حاضر استادن کي نوڪري تان ڪڍيو ويو آهي .جڏهن ته 219غير حاضر استادن کي معمولي سزا ڏني وئي آهي .24صحافي استادن جي خلاف ڪاروائي ڪئي وئي آهي .سمورن صحافي استادن کي نوڪري مان ڪڍيو ويو آهي .باقي صحافي استادن جي خلاف ڪاروائي ڪئي ويندي .دوران ٻڌڻي تعليم کاتي جي سيڪريٽري چيو ته 3لک نئون انٽرومنٽ ٻارن جي تفصيلن کي جمع ڪرائڻ جي لاءِ مهلت ڏني وڃي عدالت 3هفتن جي لاءِ ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 03

ڪيو ويو. هن چيو ته اسان فيصلو ڪيو هو ته قرض نه گهرنداسين پر اسان آءِ ايم ايف معاملن ۾ ڦاٿل آهيون. يو اي اي جو صدر انتهائي محبت سان پيش آيو جنهن تي سنڌس آڏو دل کولي رکي ڇڏي ۽ آخري وقت ۾ ڪائنس قرض وٺڻ جو فيصلو ڪيو. وزيراعظم چيو ته گڏيل عرب رياستن جي صدر کي چيو ته اوهان پاڪستان کي به ارب ڊالر قرض ڏنو آهي، مهرباني ڪري وڌيڪ به ارب ڊالر قرض ڏيو. هن چيو ته يو اي اي جي صدر کي ٻڌايو ته آءِ ايم ايف جو نائون جائزو مڪمل ناهي ٿيو عالمي مالياتي اداري جا شرط آهن ته بجلي جا اگهه وڌايو غريب ماڻهو تي ڪيترو بوجهه وجهون. شهباز شريف چيو ته يو اي اي جي صدر مون کي چيو ته شهباز شريف اوهان منهنجا ڀاءُ آهيو اوهان کي ڪيئن انڪار ڪندس. هن چيو ته يو اي اي جي صدر کي ٻن ٽون ملاقات ۾ چيو ته پاڪستان جو مثال اهڙو آهي جو اسان جي هڪ هٿ ۾ ايٽمي طاقت آهي ۽ ٻئي هٿ ڪستو. جنهن گڏيل عرب رياستن جي صدر چيو ته اوهان صحيح پيا چئو پر مون اهو خوشي سان ڪيو. وزيراعظم چيو ته يو اي اي جي صدرواپار ۽ سيڙپڪاري ۾ اڳتي وڌڻ جي حوالي سان ڪجهه تجويزون پيش ڪيون، هن چيو ته گڏيل عرب رياستون پاڪستان ۾ اربين ڊالر جي سيڙپڪاري لاءِ تيار آهن.

بقايا 04

اسٽيشنز تي سامان پهچائڻ جو سلسلو جاري آهي

بقايا 05

تيل امپورٽ لاءِ ايل سيز نه کولي رهيا آهن. جنهن سبب آئل مارڪيٽنگ ڪمپنيون ۽ ريفائنريز ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيا آهن. چيو ويو آهي ته بروقت ايل سيز نه کولڻ سبب ملڪ ۾ پيٽرول بحران جو خدشو آهي. سپلائي چين متاثر ٿيڻ جي صورت ۾ معمول تي اچڻ ۾ 6 کان 8 هفتا لڳندا. آئل ڪمپنيز مطالبو ڪيو آهي ته ناڻي وارو وزير ۽ پيٽروليم وارومملڪتي وزير صورتحال جو نوٽيس وٺي بروقت ايل سيز کي يقيني بڻائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي قسط وڌائڻ جو طريقو! بينظيرانڪم سپورٽ پروگرام تحت مستحقن جي قسط جاري ڪئي وئي آهي ۽ اها قسط 7 هزار رپين جي هوندي آهي ڪجهه مستحق عورتون اڳ ئي رجسٽرڊ هيون ۽ ڪي نيون رجسٽرڊ ٿيون آهن. هي ٻيون ڀيرو آهي جو نيون رجسٽرڊ ٿيل مستحق عورتن کي قسط جاري ڪئي وئي آهي

بقايا 06

. هن چيو ته اليڪشن ڪميشن صوبائي سرڪار کي سيڪيورٽي لاءِ چيو ته اسان گهرو وزارت ڏانهن لکيل ڀهرين خط جي متن ۾ ڄاڻايو ته سيڪيورٽي لاءِ فوج گهربل آهي پر گهرو وزارت اسان جي درخواست تي سيڪيورٽي ڏيڻ کان معذرت ڪري ڇڏي هئي. صوبائي وزير چيو ته اسان اليڪشن ڪميشن کي ٻيو خط لکيو جنهن ۾ چيو ته دهشتگرد تنظيمن طرفان سياسي پارٽين کي ٿريٽ الرٽ جاري ڪيا ويا آهن ۽ امن امان جو به مسئلو آهي. هن چيو ته پي ٽي آءِ کانسواءِ سمورين سياسي پارٽين کي ٽي ٽي پي جا ٿريٽ الرٽ جاري ٿيا. شرجيل ميمڻ چيو ته اسان لاءِ سڀ کان وڌيڪ انساني زندگي اهم آهي. اليڪشن ڪميشن اسان جي ٻئي خط جي جواب ۾ ڇا لکيو آهي اهو ڏسي پوءِ جواب ڏينداسين. هن چيو اسان اليڪشن ڪميشن جي فيصلن جا پابند آهيون. جيڪڏهن اليڪشن ڪميشن چوي ٿي ته ڪنهن به قسم جي صورتحال ۾ مڪاني چونڊون ڪرائيون آهن ته اسان ڪرائينداسين. صوبائي وزير چيو ته پيپلز پارٽي مڪاني چونڊن لاءِ سدائين تيار هئي، اليڪشن ڪميشن جي لکت ۾ موقف اچڻ کانپوءِ پنهنجو ردعمل ڏينداسين. آرڊيننس جاري ڪرڻ بابت سوال جي جواب ۾ شرجيل ميمڻ چيو ته جيستائين مون قانون پڙهيو آهي، ان موجب آرڊيننس جاري ڪرڻ لاءِ به هڪ طريقيڪار هوندو آهي. ڪو منطق هوندو آهي. ائين ناهي ته صدر يا گورنر وٽ اختيار آهي ته آرڊيننس جاري ڪري ڇڏيندو. ايم ڪيو ايم جي خدشن جي حوالي سان سنڌ سماءُ واري وزير چيو ته ايم ڪيو ايم جا جيڪي خدشا هئا پ پ ان تي عمل ڪيو ته آهي. اسان ڪيو ايم کي تڪبندين بابت خدشا هئا ۽ سنڌ سرڪار ان ڊس ۾ اليڪشن ڪميشن کي خط لکي چڪي آهي. اسان ڪنهن سان به ڪا غلط بياني ناهي ڪئي. ايم ڪيو ايم جا خدشا ختم ڪرڻ لاءِ اسان جيڪو ڪري سگهياسين اهو ڪيو آهي.

بقايا 07

ڪميٽي جو هڪ اجلاس ڪالهه اطلاعات کاتي سنڌ جي آفيس ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ صحافين لاءِ 2023 سال بابت ايڪريڊيٽيشن فارم جاري ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي. اجلاس ۾ اطلاعات کاتي سنڌ جا سمورا ڊويزنل ڊائريڪٽرن جن ۾ ايڪريڊيٽيشن فارم ڪميٽي 2023 سال بابت سيڪريٽري ڊائريڪٽر پريس انفارميشن حسن اصغر نقوي، ڊائريڪٽر اطلاعات حيدرآباد سوائي خان چلگري، ڊائريڪٽر اطلاعات ميرپورخاص حزب الله ميمڻ ، ڊائريڪٽر اطلاعات لاڙڪاڻو طارق امام ، ڊپٽي ڊائريڪٽر درشن لال، ڊپٽي ڊائريڪٽر شهيد بينظير آباد غلام عباس، ڪراچي پريس ڪلب جي صدر سعيد سربازي ۽ سينيئر صحافين ضياءُ قريشي، طاهر حسن خان شرڪت ڪئي.

بقايا 08

[illegible] ين ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. [illegible] اسان پنهنجي فنڊن مان [illegible] ن کي پگهارون ڏئي رهيا آهيون.

بقايا 09

2020 تي وليد ٿاٽي جي اڳوڻي ايس ايچ او ۽ ڊي ايس پي ميران خان دراني ڀاءُ سيد محسن شاهه کي گرفتار ڪرڻ بعد 15 مارچ 2020 تي ڪوڙي مقابلي ۾ هاف فراءِ ڪيو جيڪو 20 مارچ 2020 تي چانڊڪا اسپتال جي جيل وارڊ ۾ دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو جنهن کان پوءِ اسان ڀاءُ جو لاش ايس ايس پي چوڪ تي رکي ڌرڻو هنيو ان تي اڳوڻي ايس ايس پي لاڙڪاڻو مسعود بنگش نوٽيس ورتو جنهن تي واقعي جو ڪيس منهنجي امڙ مراد خاتون جي فرياد تي ان وقت جي ايس ايچ او وليد ڊي ايس پي ميران خان دراني، مظفر خالدي، فرقان جتوئي ۽ مختيار ڪلهوڙو سميت 2 نامعلوم جوابدارن مٿان داخل ٿيو جيڪو ڪيس لاڙڪاڻي جي ڇهين ايڊيشنل اينڊ سيشن ماڊل ڪورٽ ۾ هلندڙ آهي جنهن ڪيس ۾ گذريل مهيني جي 5 تاريخ تي سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ ڪورٽ لاڙڪاڻو ميران خان دراني ۽ ٻين جي ضمانت رد ڪري ڇڏي ۽ هن وقت ڊي ايس پي ميران خان دراني ۽ پوليس اهلڪار فرقان جتوئي جيل ۾ آهن اڄ ڪيس جي ٻڌڻي لاءِ منهنجا والدين عدالت ويا جتان واپسي تي وي آءِ پي روڊ لڳ نيشنل بئنڪ وٽ پوليس اهلڪارن منهنجي والد سيد سڪندر شاهه کي ڪنپٽي گر ڪري ڇڏيو جيڪي مسلسل ڀاءُ جي قتل ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ مسلسل اسان کي قتل ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن خدشو آهي ته والد مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويندا. هن سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس، سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو کي اپيل ڪئي ته والد کي آزاد ڪرائي ڌمڪيون ڏيندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 10

مريم نواز جي مقرري سان تنظيم سازي ۾ بهتري ايندي. هن چيو ته هو پوري تياري سان پنجاب ۾ اليڪشن ۾ ويندس. هڪ سوال تي اياز صادق چيو ته عمران خان جي نااهلي جو فيصلو جلد اچڻ گهرجي. ميان صاحب کي تنخواه وٺڻ تي نااهل ڪيو ويو. ان حساب سان عمران کي ٻن زندگين لاءِ نااهل ڪيو وڃي.

بقايا 11

۾ ڀرپور نموني حصو وٺن. هن چيو ته اوهان سيني کي ووٽ ڏيڻو آهي. تحريڪ انصاف جو مقابلو انهن سمورين پارٽين سان آهي جيڪي 30 سالن کان هن ملڪ جو رت چوسي رهيون آهن. عمران خان چوي ٿو ته اوهان کي پنهنجي ووٽ سان ثابت ڪرڻو آهي. نئون پاڪستان ۽ اهو وقت اچي رهيو آهي جڏهن مختلف قسم جي سياست ٿيندي. وڊيو پيغام ۾ اڳوڻي وزيراعظم جو اهو به چوڻ آهي ته اها ئي سياست هوندي جيڪا پاڪستان کي اوج تي وٺي ويندي.

بقايا 12

آهي. ڀهريون ڀيرو بس ڪراچي ايئرپورٽ جي اندر تائين عالمي معيار موجب هلائي ويندي. پاڪستان ۾ ڀهريون ڀيرو سنڌ حڪومت بجلي سان هلندڙ اهي بسون گهرايون آهن. 50 مان 10 بسون ڪراچي پهچي چڪيون آهن. اهي بسون مڪمل طور ايئر ڪنڊيشنڊ آهن. ان ۾ 33 ماڻهن جي ويهڻ ۽ وڌيڪ 40 ڄڻن جي گنجائش موجود آهي. انهن بسن ۾ 5 سئو ڪلو واٽ جي بيٽري لڳل آهي. جنهن کي هڪ ڀيرو چارج ڪرڻ تي به سئو ڪلوميٽرن کان وڌيڪ جو سفر ڪري سگهجي ٿو. اها بيٽري 40 منٽن ۾ ٻيهر چارج ٿي سگهي ٿي. انهن بسن کي چارج به سولر پئنلز ذريعي شمسي توانائي سان ڪيو ويندو. سنڌ جي اطلاعات واري وزير شرجيل ميمڻ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ماحول دوست بسن سان نه رڳو معيشت کي فائدو ٿيندو پر ماحول به بهتر ٿيندو.

بقايا 13

مهانگائي جي گھٽتي ناهي. اسحاق ڊار هر هفتي صوبن سان رابطا ڪندو. هن چيو ته نائي متاستا جا ذخيرا 4.2 ارب ڊالر رهجي ويا آهن. واپاري اسٽيٽ بئنڪ هيڊ آفيس ٻاهران احتجاج ڪرڻ تي مجبور آهن. ادائيگين لاءِ حڪومت کي پئسن جي ضرورت آهي. شرڪت ترين سوال ڪيو ته قرض وٺي خسارو ڪيتري دير تائين پورو ڪري سگهجي ٿو؟

بقايا 14

اجلاس ۾ سيڪريٽري ڪاليجز احمد ناريجو، ڊائريڪٽر جنرل ڪاليجز محمد علي مانجهي ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي تعليم واري وزير هدايت ڪئي ته سرڪاري ڪاليجز جي عمارتن ۽ پلاٽن تي هر قسم جو غيرقانوني قبضو ختم ڪرايو وڃي جڏهن ته ڪاليجن جي آسي پاسي حدخيلين جي خاتمي لاءِ پڻ قدم کنيا وڃن. هن چيو ته سرڪاري ڪاليجن تي قبضي جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏني ويندي. اجلاس ۾ اهو به فيصلو ڪيو ويو ته ايندڙ سال ڪاليجن جو بجيٽ شاگردن جي داخلا جي تناسب سان طي ڪيو ويندو. صوبائي وزير چيو ته جن ڪاليجز ۾ داخلائن جو تناسب بهتر هوندو انهن ڪاليجن جي بجيٽ ۾ اضافو ڪيو ويندو ۽ سهولتون ڏيڻ جي حوالي سان انهن ئي ڪاليجن کي ترجيح ڏني ويندي صوبائي وزير چيو ته سرڪاري ڪاليجن جي پرنسپال جي ڪارڪردگي بهتر نه هئڻ جي صورت ۾ ان کي ذميوارين کان هٽايو وڃي. صوبائي وزير تعليم ڪاليج کاتي پاران وڏي عرصي بعد راندين جي سرگرمين کي بحال ڪرڻ جي قدمن جي تعريف ڪئي. هن چيو ته ڪاليجن ۾ راندين جي منعقد ڪرڻ ۽ ٻين هم نصابي سرگرمين کي مستقبل ۾ به جاري رکيو وڃي جڏهن ته بهتر ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن کي نشاندهي ڪئي وڃي. سيد سردار علي شاهه هدايت ڪئي ته آئينده ڪاليجن جي عمارتن کي موسمي اثرن کان محفوظ رکڻ جي حڪمت عملي جوڙي وڃي ان ڊس ۾ ڪاليجن جي عمارتن کي موسمي اثرن کان بچائڻ ۽ شاگردن لاءِ محفوظ عمارتون تعمير ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن پاران تجويزون پڻ گهرايون وڃن. اجلاس ۾ ان ڳالهه جو به اصولي فيصلو ڪيو ويو ته آئينده ڪاليجن ۾ سبجيڪٽ جي بنياد تي ليڪچررز جون مقرريون ڪيون وينديون. هن وڌيڪ چيو ته پراڻي وقتن ۾ منظور ٿيل غيرضروري پوسٽون ختم ڪري ضرورت جي بنياد تي نيون تجويزون پيش ڪيون وڃن. صوبائي وزير هدايت ڪئي ته سنڌ ايجوڪيشن اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ جي اسڪالرشپس جي حوالي سان يونيورسٽيز سان رابطو ڪيو وڃي چوته يونيورسٽيز طي ڪيل تعداد جي مطابق اسڪالرشپ ڏيڻ جو ٽارگيٽ پورو نه ڪري رهيون آهن. هن چيو ته يونيورسٽيز پاران اسڪالرشپ جا انگ پورا نه ڪرڻ جي صورت ۾ اسڪالرشپ جي ڪوٽا ٻين يونيورسٽيز کي ڏني وڃي چوته سنڌ حڪومت پاران قائم ڪيل سنڌ ايجوڪيشن اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ جي اسڪالرشپ هوشيار ۽ مستحق شاگردن جو حق آهي. اجلاس ۾ صوبائي وزير وڌيڪ هدايت ڪئي ته اسڪالرشپ جي حوالي سان يونيورسٽيز کي موثر آگاهي مهم هلائڻ لاءِ به خط لکيا وڃن.

بقايا 15

طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ 15 جنوري تي ٿيندڙ بلدياتي چونڊن دوران سڪيورٽي لاءِ فرنٽيئر ڪانسٽيبلري کي مقرر ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون آهن. نوٽيفڪيشن موجب گهرو وزارت حساس ۽ انتهائي حساس پولنگ اسٽيشنن تي ايف سي کي مقرر ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي ته ايف سي جي مقرري جي تاريخ ۽ علائقي جو تعين سنڌ حڪومت، اليڪشن ڪميشن ۽ فرنٽيئر ڪانسٽيبلري جي مشاورت سان ڪيو ويندو.

بقايا 16

مذمت ڪندي چيو ته خيبرپختونخواهه ۾ امن امان جي بگڙيل صورتحال تي وفاقي حڪومت کي ڳڻتي آهي. راڻا ثناءُ الله جو چوڻ آهي ته دهشتگرد خيبرپختونخواهه ۾ پوليس اسٽيشنن تي حملا ڪري رهيا آهن. پوليس اهلڪارن ۽ آفيسرن کي نشانو بڻايو پيو وڃي. هن چيو ته هاڻوڪي واقعي مان لڳي ٿو ته ڪي پي ڪي حڪومت سي ٽي ڊي هيڊڪوارٽر بنون کان به سبق ناهي سکيو. راڻا ثناءُ الله پوليس اسٽيشن تي حملي ۾ ڊي ايس پي ۽ ٻن پوليس اهلڪارن جي وارثن سان گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته مان پوليس جي شهيدن کي سلام پيش ڪريان ٿو ۽ سندن قربانين کي سلام پيش ڪريان ٿو

بقايا 17

ني مسلم ليگ ن جي سينيئر قيادت جو اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ وزيراعظم شهباز شريف پارٽي اڳواڻن کي پنجاب اسيمبلي ٽوڙڻ ۽ ايندڙ صوبائي چونڊن بابت فيصلي کان آگاهه ڪيو. اجلاس ۾ وزيراعظم پارٽي اڳواڻن کي پنجاب ۾ پنهنجن تڪن ۾ چونڊ مهم هلائڻ جي به هدايت ڪئي جڏهن ته اجلاس ۾ پنجاب اسيمبلي ٽوڙڻ کانپوءِ 12 اپريل تي چونڊون ڪرائڻ جو به فيصلو ڪيو ويو

بقايا 18

۾ گرفتار ڪيو ويو آهي. سنڌس وڪيل چيو ته ايف آءِ اي وٽ ڪو ثبوت ئي ناهي ۽ رڳو شڪ جي بنياد تي ڪنهن کي گرفتار نٿو ڪري سگهجي. سرڪاري وڪيل چيو ته صحافي ليپ ٽاپ ۽ موبائيل فون نٿو ڏئي جنهن ۾ ثبوت موجود آهن. ٽيڪس گوشوارن جي معلومات غير قانوني ليڪ ڪرڻ تي قانون موجب 10 سال قيد جي سزا ملي سگهي ٿي. ياد رهي ته جنرل باجوا جي رٽائرمينٽ مان ڪجهه ڏينهن اڳ گذريل سال نومبر ۾ فيڪٽ فوڪس نالي ويب سائيٽ تي شايع ٿيل اسٽوري ۾ چيو ويو هو ته باجوا جي خاندان جي ملڪيت ۾ سنڌس آرمي چيف جي مدت دوران 6 سالن ۾ 12.7 ارب رپين جو اضافو ٿيو

بقايا 19

اڻٽيندڙ واقعو ٿي سگهي ٿو. ان ڪري ميونسپل چونڊون فول پروف سيڪيورٽي انتظامن تائين ملتوي ڪيون وڃن. خط ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته سنڌ ڪابينا ڪراچي ڊويزن ۾ يونين ڪميٽين جي تعداد جو نوٽيس واپس وٺڻ جو فيصلو ڪيو هو. ڪابينا حيدرآباد ضلعي ۾ يونين ڪميٽين جي تعداد جو نوٽيس به واپس وٺڻ جو فيصلو ڪيو هو. سنڌ ڪابينا فيصلو واپس وٺڻ جو فيصلو ڪيو هو حيدرآباد ضلعي ۾ يونين ڪميٽين جي تعداد جو نوٽيس ورتو ويو. پر ان تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو؟ خط ۾ چيو ويو آهي ته اليڪشن ڪميشن جامد تعينات لاءِ سيڪيورٽي اهلڪارن جي غير موجودگي بابت خدشن جو جواب ناهي ڏنو

بقايا 20

سان اختلاف آهي. هن وڌيڪ چيو ته بدين ضلعي ۾ زرداري جي چورن جي ٽولي مون کي شڪست نٿي ڏئي سگهي.

بقايا 21

جيڪو 23 جنوري تي ٻڌايو ويندو. ڪيس ۾ ملير جي اڳوڻي ايس ايس پي رائو انوار سميت ٻين جوابدار نامزد آهن. انهن خلاف سچل ٿاڻي ۾ ڪيس داخل آهي. واضح رهي ته نقيب الله محسود کي 13 جنوري 2018 ۾ مبينا جعلي پوليس مقابلي ۾ ماريو ويو هو

بقايا 22

ڪمپنين خلاف اوپن انڪوائرين ۽ ڪيس داخل ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي مبينه ڪرپشن ۽ تعميرات جي غير قانوني اجازت نامه ڏيندڙ ڪامورن خلاف انڪوائريون ڪرائڻ جو فيصلو ڪري ورتوان ڊس ۾ اينٽي ڪرپشن ڪميٽي ون جو چيف سيڪريٽري سنڌڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت جي صدارت هيٺ ٿيو اجلاس ۾ چيئرمين اينٽي ڪرپشن ڪاميٽي ون محمد نواز سوهو رپورٽ پيش ڪئي جنهن بعد فيصلو ڪيو ويو ته مبينه ڪرپشن ۽ تعميرات جي غير قانوني اجازت ناما ڏيندڙ ڪامورن سميت 5 o کان وڌيڪ ڪامورن جي اوپن انڪوائر ڪرائي ويندي جڏهن ته خيرپور فوڊ گودام مان چاليهه هزار ڪٽڪ جون ٻوريون غائب ڪرڻ ۾ ملوث سکر جي اڳوڻي ڊپٽي ڊائريڪٽرنصرالله چانڊيو اڳوڻو ڊي ايف سي عرفان جوکيو خلاف اوپن انڪوائري جي منظوري ڏني وئي اهڙي ريت محنت افرادي قوت کاتي جي انجنير محمد طارق خلاف به ڪيس داخل ڪرڻ منظوري پڻ ڏني وئي جي سنڌ سيڪريٽريٽ تعميراتي منصوبي ۾ ملوث ماڻهن خلاف به اوپن انڪوائري جي منظوري ڏني وئي خانگي ڪمپنين خلاف به اوپن جاچ ڪرائي ويندي جڏهن ته ثقافت سياحت کاتي سنڌ ۾ مبينه 13 ڪروڙن کان وڌيڪ جي ٿيل مبينه ڪرپشن ۾ ملوث ڊائريڪٽر ذوالفقار علي تنولي‌ڊپٽي ڊائريڪٽر گلشن علي ڪليري خلاف به اوپن انڪوائري جي منظوري ڏني وئي ۽ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي حيدرآباد جي اڳوڻي ريجنل ڊائريڪٽر دلشاد نبي عاصم سميت 10 آفيسرن جي غيرقانوني اجازت نامه ڏيڻ ۾ مبينه ڪرپشن جي به اوپن انڪوائري ڪرائڻ ويندي جنهن بعد ان ايڪشن ٿيندوچ

بقايا 23

تائين فوج جو انگ گهٽائڻ جو فيصلو ڪيو آهي جيڪو هڪ لک پنجيتهه هزار تائين آندو ويندو ۽ ٻه هزار تيهه تائين فوج جو انگ هڪ لک ڪري ڇڏيندو. سريلنڪن بچاءَ واري وزير چيو ته فوج جو انگ گهٽائڻ واري قدم جو مقصد ٻه هزار تيهه تائين ٽيڪنيڪي ۽ حڪمت عملي جي حوالي سان صحيح ۽ متوازن دفاعي قوت بڻائڻ آهي. عالمي بئنڪ جي انگ اکرن موجب سريلنڪا ۾ ٻه هزار سترنهن کان ٻه هزار اڻويهه تائين فوج ۾ ٽي لک سترنهن هزار اهلڪار شامل هئا.

بقايا 24

اعظم نذير تارڙ ۽ ٻيا اڳواڻ به شريڪ هئا. ذريعن جو چوڻ آهي ته نواز شريف پارٽي اڳواڻن کي پنجاب ۾ چونڊن جي تياري جي هدايت ڏيندي چيو ته ن ليگ اميدوار ڀرپور طريقي سان چونڊن ۾ حصو وٺڻ جي تياري ڪن. سڄي پنجاب ۾ پارٽي اڳواڻ ۽ ورڪر متحد ٿي وڃن. ذريعن موجب نواز شريف چيو ته غير جمهوري سوچ رکندڙ عمران خان مان ڪا چڱائي جي اميد نٿي رکي سگهجي. اجلاس ۾ فيصلو ٿيو ته عمران خان جي حڪومت ۾ ملڪ کي پهچندڙ نقصان بابت عوام کي آگاهه ڪيو وڃي. ذريعن جو چوڻ آهي ته اجلاس ۾ اهو به فيصلو ٿيو ته عمران خان جي دور ۾ ان جي گهر کان شروع ٿيندڙ ڪرپشن بابت به عوام کي ٻڌايو وڃي. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته قومي اسيمبلي پنهنجو مدو پورو ڪندي. ڪنهن به صورت ۾ عمران خان هٿان بليڪ ميل نه ٿينداسين. پنجاب ۽ ڪي پي جي چونڊن ۾ ڀرپور نموني حصو وٺنداسين.

بقايا 25

سون جي قيمت ۾ 20 ڊالر واڌ ٿي آهي. جنهن کانپوءِ اهو 1920 ڊالرن جي سطح تي اچي ويو آهي. هوڏانهن پاڪستان ۾ به في تولي ۽ 10 گرام سون جي قيمت ۾ ترتيب وار 1200 رپيا ۽ 1029 رپيا واڌ ٿي آهي. اگهن ۾ واڌ جي نتيجي ۾ ملڪ ۾ في تولي سون جي قيمت هڪ لک 87 هزار 300 رپيا ۽ 10 گرام سون جي قيمت هڪ لک 60 هزار 580 رپيا ٿي وئي آهي.

بقايا 26

اٿارٽي 110 کان وڌيڪ دوائن جي اگهن ۾ واڌ جي سفارش ڪري ڇڏي. صحت بابت وفاقي وزارت جي ذريعن موجب ملڪ ۾ اينسٿيزيا، ڪينسر، نفسياتي مرضن، عضون جي پيوندڪاري ۽ ٻين بيمارين ۾ استعمال ٿيندڙ دوائن جي سخت کوٽ ٿي وئي آهي. وزارت جو چوڻ آهي اگهن ۾ واڌ نه ڪئي وئي ته خدشو آهي فارما ڪمپنيون اهي دوائون ناهڻ ۽ ٻاهران گهرائڻ بند ڪري ڇڏينديون. ڊريپ اختيارين موجب ڪين 400 کان وڌيڪ دوائن جي اگهن ۾ واڌ جون درخواستون وصول ٿيون هيون. پر 110 حياتي بچائيندڙ دوائن جي اگهن ۾ واڌ جي سفارش ڪئي آهي.

بقايا 27

ڏئي ڇڏي. پرڏيهي خبرو اداري موجب ايراني عدالت علي رضا اڪبري کي برطانيا لاءِ جاسوسي جي الزام هيٺ موت جي سزا ٻڌائي هئي. ان کانسواءِ مٿس ايٽمي سائنسدان محسن فخري زادي جي قتل ۾ ڪردار ادا ڪرڻ جو الزام پڻ هو رپورٽن موجب علي رضا اڪبري ايران جو نائب وزير دفاع پڻ رهي چڪو هو. ڪيس 2019ع ۾ گرفتار ڪيو ويو ۽ ڪيس اربع ڏينهن موت جي سزا ٻڌائي وئي هئي. پرڏيهي ميڊيا موجب برطانيا علي رضا اڪبري جي موت جي سزا کي سياسي قرار ڏيندي فوري طور آزادي جو مطالبو ڪيو هو.

بقايا 28

7 هزار ڪٽڪ جون ٻوريون هٿ. خوراڪ کاتي حوالي. تفصيل موجب ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي محمد عثمان عبد جي هدايتن تي ڪٽڪ جي ذخيره اندوزي خلاف ڪارروائين جو سلسلو جاري آهي ان سلسلي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر گهوٽڪي امتياز محسن پٽائي ڪاٽن فيڪٽري جي گودام تي ڇاپو هڻي اوم لعل پارام ذخيرو ڪيل ڪٽڪ جون 7 هزار ٻوريون هٿ ڪري ورتيون آهن جيڪي خوراڪ کاتي حوالي ڪيون ويون جڏهن ته ڄاڻايل گودام کي سيل ڪيو ويو آهي

بقايا 29

اجلاس ۾ سيڪريٽري ڪاليجز احمد ناريجو، ڊائريڪٽر جنرل ڪاليجز محمد علي مانجهي ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي تعليم واري وزير هدايت ڪئي ته سرڪاري ڪاليجز جي عمارتن ۽ پلاٽن تي هر قسم جو غيرقانوني قبضو ختم ڪرايو وڃي جڏهن ته ڪاليجن جي آسي پاسي حدخيلين جي خاتمي لاءِ پڻ قدم کنيا وڃن. هن چيو ته سرڪاري ڪاليجن تي قبضي جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏني ويندي. اجلاس ۾ اهو به فيصلو ڪيو ويو ته ايندڙ سال ڪاليجن جو بجيٽ شاگردن جي داخلا جي تناسب سان طي ڪيو ويندو. صوبائي وزير چيو ته جن ڪاليجز ۾ داخلائن جو تناسب بهتر هوندو انهن ڪاليجن جي بجيٽ ۾ اضافو ڪيو ويندو ۽ سهولتون ڏيڻ جي حوالي سان انهن ئي ڪاليجن کي ترجيح ڏني ويندي صوبائي وزير چيو ته سرڪاري ڪاليجن جي پرنسپال جي ڪارڪردگي بهتر نه هئڻ جي صورت ۾ ان کي ذميوارين کان هٽايو وڃي. صوبائي وزير تعليم ڪاليج کاتي پاران وڏي عرصي بعد راندين جي سرگرمين کي بحال ڪرڻ جي قدمن جي تعريف ڪئي. هن چيو ته ڪاليجن ۾ راندين جي منعقد ڪرڻ ۽ ٻين هم نصابي سرگرمين کي مستقبل ۾ به جاري رکيو وڃي جڏهن ته بهتر ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن کي نشاندهي ڪئي وڃي. سيد سردار علي شاهه هدايت ڪئي ته آئينده ڪاليجن جي عمارتن کي موسمي اثرن کان محفوظ رکڻ جي حڪمت عملي جوڙي وڃي ان ڊس ۾ ڪاليجن جي عمارتن کي موسمي اثرن کان بچائڻ ۽ شاگردن لاءِ محفوظ عمارتون تعمير ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن پاران تجويزون پڻ گهرايون وڃن. اجلاس ۾ ان ڳالهه جو به اصولي فيصلو ڪيو ويو ته آئينده ڪاليجن ۾ سبجيڪٽ جي بنياد تي ليڪچررز جون مقرريون ڪيون وينديون. هن وڌيڪ چيو ته پراڻي وقتن ۾ منظور ٿيل غيرضروري پوسٽون ختم ڪري ضرورت جي بنياد تي نيون تجويزون پيش ڪيون وڃن. صوبائي وزير هدايت ڪئي ته سنڌ ايجوڪيشن اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ جي اسڪالرشپس جي حوالي سان يونيورسٽيز سان رابطو ڪيو وڃي چوته يونيورسٽيز طي ڪيل تعداد جي مطابق اسڪالرشپ ڏيڻ جو ٽارگيٽ پورو نه ڪري رهيون آهن. هن چيو ته يونيورسٽيز پاران اسڪالرشپ جا انگ پورا نه ڪرڻ جي صورت ۾ اسڪالرشپ جي ڪوٽا ٻين يونيورسٽيز کي ڏني وڃي چوته سنڌ حڪومت پاران قائم ڪيل سنڌ ايجوڪيشن اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ جي اسڪالرشپ هوشيار ۽ مستحق شاگردن جو حق آهي. اجلاس ۾ صوبائي وزير وڌيڪ هدايت ڪئي ته اسڪالرشپ جي حوالي سان يونيورسٽيز کي موثر آگاهي مهم هلائڻ لاءِ به خط لکيا وڃن.

بقايا 30

ڇڏي آهي .رپورٽ ۾ چيو ويو ته استادن جي حاضري يقني ناهڻ جي لاءِ 7ڊسٽرڪٽ ايپ 16 جنوري کان لانچ ڪري رهيا آهيون .شاگردن جي لاءِ به حاضري کي يقني ناهڻ جي سسٽم جي لاءِ مختلف ادارن سان ڳالهه ٻولهه هلي رهي آهي .جڏهن شاگردن جي ڊيٽاانٽري اسڪول ليول تي استادشروع ڪندا .رپورٽ چيو ويو ته 4هزار 4سئو30بند اسڪول کوليا ويا آهن .جڏهن ته ٿرپارڪر ۽عمرڪوٽ ۾ 5سئواسڪول کولڻ جو عمل جاري آهي .بند اسڪولن جو عمل به هفتن ۾ مڪمل ڪيو ويندو .رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته غير حاضر 7سئو 93استادن جي خلاف ڪاروائي ڪئي وئي آهي .5سئو74غير حاضر استادن کي نوڪري تان ڪڍيو ويو آهي .جڏهن ته 219غير حاضر استادن کي معمولي سزا ڏني وئي آهي .24صحافي استادن جي خلاف ڪاروائي ڪئي وئي آهي .سمورن صحافي استادن کي نوڪري مان ڪڍيو ويو آهي .باقي صحافي استادن جي خلاف ڪاروائي ڪئي ويندي .دوران ٻڌڻي تعليم کاتي جي سيڪريٽري چيو ته 3لک نئون انٽرومنٽ ٻارن جي تفصيلن کي جمع ڪرائڻ جي لاءِ مهلت ڏني وڃي عدالت 3هفتن جي لاءِ ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 31

2020 تي وليد ٿاٽي جي اڳوڻي ايس ايچ او ۽ ڊي ايس پي ميران خان دراني ڀاءُ سيد محسن شاهه کي گرفتار ڪرڻ بعد 15 مارچ 2020 تي ڪوڙي مقابلي ۾ هاف فراءِ ڪيو جيڪو 20 مارچ 2020 تي چانڊڪا اسپتال جي جيل وارڊ ۾ دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو جنهن کان پوءِ اسان ڀاءُ جو لاش ايس ايس پي چوڪ تي رکي ڌرڻو هنيو ان تي اڳوڻي ايس ايس پي لاڙڪاڻو مسعود بنگش نوٽيس ورتو جنهن تي واقعي جو ڪيس منهنجي امڙ مراد خاتون جي فرياد تي ان وقت جي ايس ايچ او وليد ڊي ايس پي ميران خان دراني، مظفر خالدي، فرقان جتوئي ۽ مختيار ڪلهوڙو سميت 2 نامعلوم جوابدارن مٿان داخل ٿيو جيڪو ڪيس لاڙڪاڻي جي ڇهين ايڊيشنل اينڊ سيشن ماڊل ڪورٽ ۾ هلندڙ آهي جنهن ڪيس ۾ گذريل مهيني جي 5 تاريخ تي سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ ڪورٽ لاڙڪاڻو ميران خان دراني ۽ ٻين جي ضمانت رد ڪري ڇڏي ۽ هن وقت ڊي ايس پي ميران خان دراني ۽ پوليس اهلڪار فرقان جتوئي جيل ۾ آهن اڄ ڪيس جي ٻڌڻي لاءِ منهنجا والدين عدالت ويا جتان واپسي تي وي آءِ پي روڊ لڳ نيشنل بئنڪ وٽ پوليس اهلڪارن منهنجي والد سيد سڪندر شاهه کي ڪنپٽي گر ڪري ڇڏيو جيڪي مسلسل ڀاءُ جي قتل ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ مسلسل اسان کي قتل ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن خدشو آهي ته والد مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويندا. هن سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس، سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو کي اپيل ڪئي ته والد کي آزاد ڪرائي ڌمڪيون ڏيندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 32

ڪيو ويو. هن چيو ته اسان فيصلو ڪيو هو ته قرض نه گهرنداسين پر اسان آءِ ايم ايف معاملن ۾ ڦاٿل آهيون. يو اي اي جو صدر انتهائي محبت سان پيش آيو جنهن تي سنڌس آڏو دل کولي رکي ڇڏي ۽ آخري وقت ۾ ڪائنس قرض وٺڻ جو فيصلو ڪيو. وزيراعظم چيو ته گڏيل عرب رياستن جي صدر کي چيو ته اوهان پاڪستان کي به ارب ڊالر قرض ڏنو آهي، مهرباني ڪري وڌيڪ به ارب ڊالر قرض ڏيو. هن چيو ته يو اي اي جي صدر کي ٻڌايو ته آءِ ايم ايف جو نائون جائزو مڪمل ناهي ٿيو عالمي مالياتي اداري جا شرط آهن ته بجلي جا اگهه وڌايو غريب ماڻهو تي ڪيترو بوجهه وجهون. شهباز شريف چيو ته يو اي اي جي صدر مون کي چيو ته شهباز شريف اوهان منهنجا ڀاءُ آهيو اوهان کي ڪيئن انڪار ڪندس. هن چيو ته يو اي اي جي صدر کي ٻن ٽون ملاقات ۾ چيو ته پاڪستان جو مثال اهڙو آهي جو اسان جي هڪ هٿ ۾ ايٽمي طاقت آهي ۽ ٻئي هٿ ڪستو. جنهن گڏيل عرب رياستن جي صدر چيو ته اوهان صحيح پيا چئو پر مون اهو خوشي سان ڪيو. وزيراعظم چيو ته يو اي اي جي صدرواپار ۽ سيڙپڪاري ۾ اڳتي وڌڻ جي حوالي سان ڪجهه تجويزون پيش ڪيون، هن چيو ته گڏيل عرب رياستون پاڪستان ۾ اربين ڊالر جي سيڙپڪاري لاءِ تيار آهن.

بقايا 33

ڪمپنين خلاف اوپن انڪوائرين ۽ ڪيس داخل ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي مبينه ڪرپشن ۽ تعميرات جي غير قانوني اجازت نامه ڏيندڙ ڪامورن خلاف انڪوائريون ڪرائڻ جو فيصلو ڪري ورتوان ڊس ۾ اينٽي ڪرپشن ڪميٽي ون جو چيف سيڪريٽري سنڌڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت جي صدارت هيٺ ٿيو اجلاس ۾ چيئرمين اينٽي ڪرپشن ڪاميٽي ون محمد نواز سوهو رپورٽ پيش ڪئي جنهن بعد فيصلو ڪيو ويو ته مبينه ڪرپشن ۽ تعميرات جي غير قانوني اجازت ناما ڏيندڙ ڪامورن سميت 5 o کان وڌيڪ ڪامورن جي اوپن انڪوائر ڪرائي ويندي جڏهن ته خيرپور فوڊ گودام مان چاليهه هزار ڪٽڪ جون ٻوريون غائب ڪرڻ ۾ ملوث سکر جي اڳوڻي ڊپٽي ڊائريڪٽرنصرالله چانڊيو اڳوڻو ڊي ايف سي عرفان جوکيو خلاف اوپن انڪوائري جي منظوري ڏني وئي اهڙي ريت محنت افرادي قوت کاتي جي انجنير محمد طارق خلاف به ڪيس داخل ڪرڻ منظوري پڻ ڏني وئي جي سنڌ سيڪريٽريٽ تعميراتي منصوبي ۾ ملوث ماڻهن خلاف به اوپن انڪوائري جي منظوري ڏني وئي خانگي ڪمپنين خلاف به اوپن جاچ ڪرائي ويندي جڏهن ته ثقافت سياحت کاتي سنڌ ۾ مبينه 13 ڪروڙن کان وڌيڪ جي ٿيل مبينه ڪرپشن ۾ ملوث ڊائريڪٽر ذوالفقار علي تنولي‌ڊپٽي ڊائريڪٽر گلشن علي ڪليري خلاف به اوپن انڪوائري جي منظوري ڏني وئي ۽ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي حيدرآباد جي اڳوڻي ريجنل ڊائريڪٽر دلشاد نبي عاصم سميت 10 آفيسرن جي غيرقانوني اجازت نامه ڏيڻ ۾ مبينه ڪرپشن جي به اوپن انڪوائري ڪرائڻ ويندي جنهن بعد ان ايڪشن ٿيندوچ

بقايا 34

ڪميٽي جو هڪ اجلاس ڪالهه اطلاعات کاتي سنڌ جي آفيس ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ صحافين لاءِ 2023 سال بابت ايڪريڊيٽيشن فارم جاري ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي. اجلاس ۾ اطلاعات کاتي سنڌ جا سمورا ڊويزنل ڊائريڪٽرن جن ۾ ايڪريڊيٽيشن فارم ڪميٽي 2023 سال بابت سيڪريٽري ڊائريڪٽر پريس انفارميشن حسن اصغر نقوي، ڊائريڪٽر اطلاعات حيدرآباد سوائي خان چلگري، ڊائريڪٽر اطلاعات ميرپورخاص حزب الله ميمڻ ، ڊائريڪٽر اطلاعات لاڙڪاڻو طارق امام ، ڊپٽي ڊائريڪٽر درشن لال، ڊپٽي ڊائريڪٽر شهيد بينظير آباد غلام عباس، ڪراچي پريس ڪلب جي صدر سعيد سربازي ۽ سينيئر صحافين ضياءُ قريشي، طاهر حسن خان شرڪت ڪئي.

بقايا 35

استعمال ڪن. سنڌس چوڻ هو ته اسان ايم ڪيو ايم کي چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ سمجهائيندا رهياسين پر ناڪام رهياسين. ايم ڪيو ايم کي درخواست آهي ته اها مڪاني چونڊن ۾ ڀرپور حصو وٺي. پ پ چيئرمين وڌيڪ چيو ته اسان اتحادين جا خدشا ختم ڪرڻ چاهيون ٿا ۽ انهن جا خدشا ختم ڪرڻ جي ڪوشش به ڪئي سين. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته چونڊن کانپوءِ سڀني جماعتن سان گڏجي ڪراچي جي ترقي لاءِ ڪم ڪنداسين. چاهيون ٿا ته هاڻوڪو مڪاني نظام ئي رهي ته جيئن سڀ گڏجي بهتري لاءِ ڪم ڪري سگهون.

بقايا سنڌيار 01

۾ مقابلي جو امڪان آهي. نئي ضلعي جي ٻن ٽائون ڪميٽين گهوڙاٻاري ۽ ڳاڙهو ۾ پ پ پ جي حمايت ۾ اميدوار بنا مقابلي ڪامياب ٿيا آهن. نئي جي ميونسپل ڪاميٽي جي 9 سيٽن مان 2 سيٽن تي پيپلز پارٽي جا اميدوار بنا مقابلي ڪامياب ٿي ويا آهن. جڏهن ته 7 سيٽن تي پ پ پ جماعت اسلامي ۽ پي ٽي آءِ جي اميدوارن وچ ۾ مقابلو آهي، ٽائون ڪميٽي مڪلي جي 7 سيٽن مان 4 سيٽون ڪٽي ويون آهن. پيپلز پارٽي جا اميدوار بنا مقابلي ڪٽي ويا. باقي 3 سيٽن تي پيپلز پارٽي ۽ جماعت اسلامي ۽ قومي عوامي تحريڪ جي اميدوارن وچ ۾ مقابلو آهي. ضلعي جي 40 ضلعي ڪائونسلن جي سيٽن تي پ پ جا 20 کان وڌيڪ اميدوار بنا مقابلي ڪامياب ٿي ويا آهن. باقي 20 ضلعي ڪائونسلن جي سيٽن تي پيپلزپارٽي، آزاد اميدوارن، جي يو آءِ، پي ٽي آءِ جي اميدوارن وچ ۾ مقابلو ٿيندو. ضلعي جي 40 يوسيز جي جنرل ڪائونسلر جي 160 سيٽن مان 102 اميدوارن کي ڪامياب قرار ڏنو ويو آهي، جڏهن ته 58 سيٽن تي مقابلو متوقع آهي. ان حوالي سان ضلعي انتظاميا سموريون تياريون مڪمل ڪري ورتيون آهن. مجموعي طور 270 پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون ويون آهن. اليڪشن ڪميشن نئي پاران پولنگ اسٽيشنن تي پولنگ آفيسرن ۽ اسسٽنٽ پولنگ آفيسرن سميت 3 هزار 300 پولنگ عملو مقرر ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ مرد ووٽرن جو انگ 2 لک 88 هزار 278، عورت ووٽرن جو انگ 2 لک 34 هزار 237 آهي. ضلعي جي 270 پولنگ اسٽيشنن مان 31 پولنگ اسٽيشنن کي انتهائي حساس ۽ باقي 239 پولنگ اسٽيشنن کي حساس قرار ڏنو ويو آهي.

بقايا سنڌيار 02

ڪيريو غلام حسين ميمڻ ۽ ٻين پاران بيت السلام تنظيم ترڪي کان آيل معزز مهمانن کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪ ۽ ٽوپين جا تحفا پيش ڪيا ويا ان موقعي تو بيت السلام تنظيم جي اڳواڻن سجاد علي ميمڻ چيو ته اسان جو مقصد برسات متاثر علائقن جي مسڪين ماڻهن ۾ راشن ٽينٽ ۽ ڪمبل ورهائڻ آهي هن چيو ته اسان ضلعي نوشهروفيروز سميت ٻين علائقن جي غريب ۽ مسڪين ماڻهن جي مدد ڪئي آهي اسان 600 کان وڌيڪ برسات متاثرن ۾ راشن ورهايو آهي ۽ ڪوشش هوندي ته وڌ کان وڌ مسڪين ماڻهن جي خدمت ڪري سگهون ان موقعي تي علائقي واسين بيت السلام تنظيم جي اڳواڻن جا ٿورا مڃيا

بقايا سنڌيار 03

پيز سميت سمورن ٿاڻن جي ايس ايڇ اوز ۽ مختلف برانچن جي انچارجز ۽ ڊي آءِ بي سيڪشن جي عملدارن شرڪت ڪئي، بلدياتي اليڪشن ۾ امن امان قائم ڪرڻ جي لاءِ حڪمت عملي جوڙي وئي، جڏهن ته دادو ضلعي جي سمورن پولنگ اسٽيشنن تي سيڪيورٽي جا غير معمولي انتظام ڪيا ويندا سڪيورٽي پلان موجب دادو ضلعي ۾ 638 پولنگ اسٽيشنز آهن، جن ۾ 468 حساس پولنگ اسٽيشنز ۽ 170 انتهائي حساس پولنگ اسٽيشنز ظاهر ڪيون ويون آهن. بلدياتي اليڪشن ۾ امن امان برقرار رکڻ لاءِ 5135 پوليس عملدار ۽ اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن. 102 ڪوئيڪ ريسپانس فورس ٽيمون جوڙيون ويون آهن جيڪي پوليس ٽيمون سيڪيورٽي لاءِ مانيٽرنگ ڪرڻ واري سيل سان لاڳاپيل هونديون، ضرورت وقت پنهنجي ذميواري نڀائينديون. ان سلسلي ۾ ايس ايس پي دادو سمورن پوليس آفيسرن کي هدايتون جاري ڪيون آهن ته جاري ڪيل سڪيورٽي پلان تي عملدرآمد کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي، ايس ايس پي دادو وڌيڪ چيو ته شفاف ۽ پرامن چونڊون ڪرائڻ اسان جو قومي فرض آهي جنهن لاءِ اسان سيني کي محنت ۽ ساٿ ڏيڻ جي ضرورت آهي. پوليس جي وڏي نفري سان گڏ رينجرز به سيڪيورٽي جا فرض سرانجام ڏيندي. خاص پيٽرولنگ پلان تحت پولنگ اسٽيشنن جي چوڌاري مسلسل گشت کي يقيني بڻايو ويندو سمورن ڊي ايس پيز ۽ ايس ايڇ اوز کي گهرجي ته هو پنهنجي پنهنجي تڪن ۾ اميدوارن ۽ انهن جي پارٽي ڪارڪنن سان ملاقاتون ڪري ڪين اليڪشن ڪميشن پاران جاري ڪيل ضابط اخلاق تي عمل ڪرڻ جو پابند ڪن. ڪنهن به اڻٽنڊڙ صورتحال کي نظر ۾ رکندي احتياطي تدبيرون اختيار ڪيون وڃن. اڻ وڻندڙ واقعن جي صورت ۾ قانون کي فوري طور تي فعال ڪيو وڃي ۽ قانون هٿ ۾ کڻڻ وارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي. حڪومت مڪاني چونڊن دوران هٿيارن جي نمائش تي پابندي لڳائي ڇڏي آهي ۽ قلم 144 لاڳو ڪيو ويو آهي پڪڙجي ڪندڙن خلاف فوري طور ڪيس داخل ڪيو ويندو.ان سلسلي ۾ هڪ اسپيشل ويلفيئر ٽيم پڻ جوڙي وئي آهي جيڪا ٻاهران ڊيوٽي تي ايندڙ پوليس اهلڪارن جي انتظامن جو جائزو وٺندي. چونڊن دوران سمورن سڪيورٽي معاملن جي نگراني لاءِ اسپيشل اليڪشن سيل پڻ قائم ڪيو ويو آهي. جنهن ذريعي صورتحال جو لمحي به لمحي جائزو ورتو ويندو. آخر ۾ ايس ايس پي دادو ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادو سمورن پوليس اهلڪارن کي سختي سان حڪم ڏيندي چيو ته اليڪشن جي حساس ڊيوٽي ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي ۽ لاپرواهي ڪندڙ اهلڪارن خلاف محڪماتي ڪاروائي ڪئي ويندي

بقايا سنڌيار 04

4 ڄڻا زخمي ٿي پيا. زخمين کي فوري طور تي سول اسپتال نئون منتقل ڪيو ويو. زخمين ۾ زبير، سندس ٻه ٻارڙا هانيا، آمنه ۽ هڪ عورت فاطمه شامل آهن. جن کي طبي امداد ڏني پئي وڃي. زخمين جو تعلق ڪڇي برادري سان آهي، جن جو تعلق ڪراچي جي علائقي مسلم مجاهد ڪالوني سان آهي. جيڪي ڪراچي کان ٺٽي درگاه جي زيارت لاءِ اچي رهيا هئا.

بقايا سنڌيار 05

سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي سيڪريٽري ڊاڪٽر مشتاق ڦل ڪئي جڏهن ته سنڌ رائٽرز فورم جي صوبائي صدر اعجاز ممنائي، خيال کٽري، ناچيز ميمڻ، رفيق احمد سومرو ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ سنڌي اجرڪ اوڍايا ويا مهورتي تقريب کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته قاضي مقصود احمد جي اندر ۾ علم جو سمنڊ سمايل آهي ان سمنڊ جو قطرو قطرو ڪري ڪتاب جي صورت ۾ قوم کي ڏئي رهيو آهي قاضي مقصود احمد جو نعتن تي مشتمل ڪتاب مقصود حيات ۾ پنهنجي عقيدي جو اظهار ظاهر ڪيو آهي ۽ پاڻ کي نبي آخرزمان جو حقيقي سپاهي ظاهر ڪيو آهي جڏهن ته ڪتاب تلاش سنڌ ۾ پنهنجي سنڌ ديس جي حقيقي رهنمائي ڪندي سنڌ جو اصل نقشو ظاهر ڪيو آهي ۽ سنڌ جي ابتدا کان وٺي هن مهل تائين جي رسم و رواج ، ثقافت ۽ سماج جي اٿڻي ويهڻي کي ظاهر ڪري هڪ وڏو ڪم ڪيو آهي شال سندس قلم اڃان وڌيڪ سگهارو ٿئي ته جيئن ادبي حوالي سان وڌيڪ ڪتاب شايع ڪرائيندو رهي

بقايا سنڌيار 06

وڪرو ڪندڙ مٿان ڪڙڪي پيو اٽو ڏيڻ کان انڪار. متاثر جون پريس ڪلب تي دانهون. تفصيلي خبر موجب سيٺارجا شهر اندر 45 سالن کان اخبار جي هاڪري ڪندڙ الهچايو لنڊ پريس ڪلب سيٺارجا پهچي دانهيو آهي ته شهر اندر امداد ڏاريجو جي فلور مل تي سرڪاري ريٽ تي اٽو وٺڻ لاءِ ويس ته فلور مل تي ويٺل منهنجي مٿان ڏمرجي پيو ۽ چوڻ لڳو ته سرڪاري اگهه تي نه ڏينداسين تو کير ٿيندو آهي اسان کان پڇڻ وارو نڪري وڃ مان انتهائي غريب آهيان اخبارون وڪرو ڪري پنهنجي ٻچن جو پيٽ گذر ڪندو آهيان هن چيو ته ظالم ماڻهن اسان کان جيئڻ جو حق به کسي رهيا آهن اٽو مهانگو ٿيڻ ڪري هڪ ويلي جي ماني به کائڻ مشڪل ٿي وئي آهي

بقايا سنڌيار 07

سلسلي ۾ پوليس موجب فوتي نوجوان جي وارثن جو چوڻ هو ته نوجوان کي مرگهي جي بيماري هئي جنهن سبب هن پنهنجو پاڻ ڦاهو کائي آپگهات ڪيو آهي.اسان وڌيڪ ڪا به قانوني ڪاروائي ڪرائڻ نٿا چاهيون وارثن جي اهڙي بيان بعد اسان لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرائڻ لاءِ ليٽر ڏنو ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن جي حوالي ڪيو آهي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.ٻي پاسي چيو وڃي ٿو ته نوجوان گهر وارن کان ڪنهن ڳالهه تي ناراض ٿي آپگهات ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 08

ڪري هر ٽيم لاءِ تيرنهن ڪلاڙي ڪنيا ويا. رنگا رنگ افتتاحي پروگرام عبدالله گبول ڳوٺ جي الغفار ريسٽورنٽ جي هال ۾ ڪرايو ويو ان موقعي تي چيف آرگنائزر اڪرم گبول، چيف گيسٽ شبير لاشاري، ماجد شاهه. فياض جتوئي، ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته 20 ٽين جي ڪپتانن سان صلاح مصلحت ڪرڻ کان پوءِ نوجوان ڪلاڙين کي ٽيم ۾ شامل ڪيو ويو. انهن چيو ته رانديگر راند ڪندي ذهني توڙي جسماني طور فٽ رهن ٿا ۽ نوجوانن ۾ راند ڪيڏڻ جو شوق پيدا ٿئي ٿو. انهن چيو ته جتي ميدان آباد رهن ٿا اتي اسپتال ويران رهندا آهن. انهن چيو ته اسان جي سنڌ ۾ ڪلاڙين وٽ ٽيلنٽ جي ڪا به ڪمي ڪونهي پر غربت هجڻ جي ڪري انهن جو ٽيلنٽ ظاهر گهٽ ٿي رهيو آهي. انهن چيو ته نوجوانن کي مالي مدد سان سپورٽ ڪرڻ گهرجي. انهن چيو ته هن ايونٽ ۾ به هميشه جيان سپورٽ ڪري رهيا آهيون. جلد هڪ ٽورنامينٽ تيسر ٽائون ۾ ڪرايو ويندو. جنهن ۾ ڪلاڙين کي سهولتون ڏنيون وينديون. انهن چيو ته هنن جونيئر ٽيمن مان نئون ٽيلنٽ سامهون ايندا آهن. انهن نوجوانن مان ملڪ جي نالي واري ڪلاڙين جهڙا ڪي يونس خان، ته ڪي شاهد خان آفريدي جهڙا ڪلاڙي بڻجي نڪرندا آهن. انهن 20 ٽيمن جي ڊرافٽنگ موقعي تي وڏي تعداد ۾ ڪلاڙين ۽ ڪپتانن حسو ورتي گڏ جونيئر ليگ ڪرڪيٽ ٽورنامنٽ ميچ ڪرائڻ تي چيف آرگنائزر اڪرم گبول جي ڪاوشن کي ساراهيو ويو. پروگرام جي آخر ۾ جي پي ايل 2023 جو ڪيڪ به ڪٽيو ويو.

بقايا سنڌيار 09

ورڪ جو سلسلو بند ٿي ويو آهي ان کان اڳ ۾ سمورين سياسي پارٽين جي اميدوارن ۽ آزاد اميدوارن طرفان پنهنجن واردن ۾ ووٽرن جي اڪثريت جي حمايت ڏيکارڻ لاءِ ريليون ڪڍي پاور شو ڪيو ويو بدين ۾ هن وقت پي پي پي ۽ جي ڊي اي مرزا گروپ وچ ۾ ۽ ڪجهه واردن تي آزاد اميدوارن ۽ پي پي پي اميدوارن وچ ۾ ڪانٽي جو مقابلو آهي جنهن ۾ وارڊ نمبر 5 تي پراڻي پ پ پ ورڪر حاجي محمد رحيم اڍيجو ۽ پ پ پ ۾ نئين شامل ٿيندڙ گلزار ميمڻ جنهن کي ٽر جي صوبائي صلاحڪار ارباب لطف الله ۽ بدين جي ايم پي اي حاجي تاج محمد ملاح جي سفارش تي پارٽي جي قيادت پراڻن ڪارڪنن کي نظر انداز ڪري پارٽي ٽڪيٽ ڏنو آهي جنهن تان پارٽي جي ڪارڪنن جو ۽ وارڊ جي ووٽرن جي وڏي انگ پارٽي کان ناراض ٿي آزاد اميدوار طور بيٺل پراڻي ڪارڪن حاجي محمد رحيم اڍيجو جي کلي حمايت ڪري ڇڏي آهي جنهن ڪانپوءِ حاجي محمد رحيم اڍيجو کي سرسي حاصل ٿي ويئي آهي ياد رهي ته 2015 جي چونڊن ۾ بدين شهر جي چوڏهن واردن تي ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا آزاد گروپ جي حيثيت ۾ ڪاميابي ماڻي پر ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين وائيس چيئرمين تي ڪو به اميدوار نه بهاري ميونسپل جون واڳون پ پ پ حوالي ڪري ڇڏيون جنهن سبب سندس ڪٽيل چوڏهن ڪائونسلرن سميت بدين جي شهرين ۾ ڪاوڙ جو اظهار ڪيو وي ۽ اڄ ڏينهن تائين اها ڳجهارت بڻيل آهي ته مرزا فئملي ڪهڙي مصلحت تحت ڪٽيل ميونسپل پ پ پ حوالي ڪري ڇڏي ۽ اهوئي سبب بدين ۾ سندس سياسي حمايت ۾ گهٽتائي جو آهي ۽ ڪيترن ماڻهن ڪانس علحيدگي پڻ اختيار ڪري ڇڏي آهي پر ٻئي طرف بدين ۾ هن وقت مهنگائي ۽ بي روزگاري جي طوفان بي انتها ڪرپشن ۽ گذريل ڏهن سالن کان پ پ پ حڪومت هوندي به بدين کي مڪمل طور نظر انداز ڪرڻ پ پ پ لاءِ به سخت مخالفت جو سبب بڻيل آهي ڏسڻ ۾ اهو اچي پيو ته سياڻي ٿيندڙ مقاني ادارن جي چونڊ بدين شهر جو سياسي وايو منڊل تبديل ٿيڻ وارو آهي بشرط چونڊون صاف شفاف ٿين جنهن جا امڪان گهٽ آهن

بقايا سنڌيار 10

وزير امتياز شيخ جو تقريب کي خطاب، تفصيل موجب: گذريل ڏينهن شڪارپور پريس ڪلب جي سال 2023ع لاءِ چونڊيل نون عهديدارن صدر رحيم بخش جمالي، نائب صدر ديدار علي سومرو، جنرل سيڪريٽري وحيد بروهي، سني سلامت سوڍو، جبران ابڙو، آغا اسرار، وسيم سنجراڻي، ابراهيم بروهي، عارف قريشي ۽ کي حلف کڻائڻ لاءِ پريس ڪلب شڪارپور ۾ هڪ زبردست تقريب ڪوٺائي وئي جتي صوبائي وزير امتياز احمد شيخ چونڊيل باڊي کي پنهنجي عهدن جو حلف کڻايو. تقريب ۾ ايس ايس پي شڪارپور رٽائرڊ ڪئپٽن فيضان علي، درگاهه ٻڍل فقير جو گادي نشين ثناءُ الله مست مقيم، چيمبر آف ڪامرس جي اڳوڻو صدر، ڏتي بخش ميمڻ، ڪيبل ايسوسيشن پاڪستان جو مرڪزي چيئرمين خالد آرائين سميت ڪيترن ئي شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي تقريب کي پريس ڪلب جي صدر رحيم بخش جمالي ۽ جنرل سيڪريٽري وحيد بروهي خطاب ڪندي چيو ته اسين عوام جا مستقل چونڊيل نمائندا آهيون ۽ اسان مٿان ڪوڙ ذميواريون آهن، پريس ڪلب هميشه پنهنجو سٺو ڪردار ادا ڪيو آهي، هنن وڌيڪ چيو ته پ پ جي چونڊيل نمائندن هميشه سهڪار ڪري شڪارپور پريس ڪلب جون عمارتون ٺهرايون آهن اڳتي به اميد ٿا ڪيون ته پ پ حڪومت اڳ جيان تعاون ڪندي رهندي، تقريب جي مهمان خاص پ پ جي توانائي واري وزير امتياز احمد شيخ چيو ته صحافت هڪ اهم شعبو آهي جيڪي چڱايون ۽ برايون پيش ڪري عوام آڏو آئينو بڻجي اڳتي اچن ٿا. هن چيو ته پي ٽي آئي حڪومت چار سال صرف ملڪ ۾ انتشار ڦهلايو ۽ سنڌ سان مائٽيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو صرف خالي اعلان ڪيا. هاڻي به تازو ٿيل برساتن ۾ دنيا کان فنڊرائيزنگ ڪئي ان مان به اڃان تائين عوام کي ٽڪو به نه ڏنو آهي، اڃان تائين ملڪ ۾ افراتفري ڦهلائي رهيو آهي، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ڪامياب خارجه پاليسين سڀ دنيا جي امير ملڪن برسات متاثرن جي بحالي لاءِ اربين ڊالرن ۾ فنڊ رائيزنگ ڪئي آهي، پي ڊي ايم ۽ سنڌ حڪومت ايمانداري، سچائي ۽ پلاننگ سان غريبن جي در تائين اها رقم پهچائيندي، امتياز احمد شيخ وڌيڪ چيو ته شڪارپور ۾ برسات متاثرن جي پيپلز پارٽي کان علاوه ڪنهن به ايتري مدد ڪون ڪئي آهي، متاثرن ۾ راشن، خيما، ترپالون، ڪاڌ خوراڪ، دوائون، جانورن لاءِ گاهه ان کان علاوه هاڻي جاين جي مد ۾ سنڌ حڪومت پاران رقم ڏني ويندي، هن چيو ته پي ايس سٽ جي حلقي ۾ وڏي تعداد ۾ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن، عوام جا بنيادي مسئلا حل ڪيان پيو، پهريون شڪارپور گندي پاڻي جي لپيٽ ۾ هيو هاڻي طرف روڊ، رستا، پيور بلاڪ، ناليون، ڪچن آبادين ۾ بنيادي سهولتون مهيا ڪيون آهن، ميگا ڊرينيج اسڪيم پنجن سالن کان مٺي هلندڙ آهي جيڪا مڪمل ٿيڻ سان ڪٿي به برسات ۽ گندو پاڻي جمع نه ٿيندو، شهر جي پمپنگ اسٽيشنن کي ايڪسپريس لائين سان جوڙي رهيا آهيون، وومين جيم ۽ پارڪ سميت شهيد الطاف خان پيو ڪرڪيٽ اسٽيڊيم کي نئين سر مرمت جي اسڪيم جوڙي آهي جيڪا هلندڙ سال اسڪيم شروع ڪنداسين. امتياز احمد شيخ چيو ته خانپور، ميان جو ڳوٺ، همايون، سلطان ڪوٽ ۽ ٻين هنڌن تي ترقياتي ڪم تيزي سان جاري آهن، شهر ۽ ڳوٺن ۾ سون جي تعداد ۾ بجلي جا نوان ٽرانسفارمر ۽ بجلي جون نيون اسڪيمون شروع ڪيو آهن. جلد توانائي کاتي طرفان گهرن ۾ سستي اگهن سولر سسٽم لڳايو ويندو، ڊسٽرڪٽ جيل، اسڪولن ۽ ٻين سرڪاري عمارتن ۾ سولر سسٽم نصب ڪيو ويندو، هن چيو ته سنڌ حڪومت طرفان شڪارپور پريس ڪلب لاءِ 30 لک رپيا بجيٽ منظور ڪرائي آهي ۽ پنهنجي طرفان 5 لک رپيا ڏيڻ جو اعلان ڪيان ٿو تقريب ۾ واپاري اڳواڻ حاجي ڏتي بخش ميمڻ، ڊسٽرڪٽ بار صدر پريس ڪلب اليڪشن ڪمشنر عبدالقادر ابڙو ۽ ٻين خطاب ڪيو. تقريب جي آخر ۾ صوفياڻي محفل موسيقي جو پڻ بندوبست ڪيو ويو جنهن ۾ درگاهه ٻڍل فقير جي فقيرن فن جو مظاهرو ڪري تقريب ۾ شريڪ ماڻهن جو داد حاصل ڪيو.

بقايا سنڌيار 11

ملاڪڙو ۽ صوفياڻي راڳ رنگ جي محفل ٿي گذري جنهن ۾ وزيراعلي سنڌ جي ائڊوايزر زين العابدين شاهه زاهد بشير سريوال تنوير احمد سريوال ابير احمد سريوال سميت علائقي جي سياسي سماجي شخصيتن سان گڏ علائقي واسين هزارن جي تعداد ۾ شرڪت ڪيي تقريب جو آغاز ڪلام پاڪ جي تلاوت سان ڪيو ويو جنهن بعد گلاب لغاري جي مشهور صوفي راڳين آچر فقير گل حسن لغاري فقير علي نواز نانگو نور محمد لغاري ۽ ٻين صوفياڻو راڳ رنگ پيش ڪري محفل رچايي ۽ پنهنجي فن جو شاندار مظاهرو ڪري داد ۽ انعام حاصل ڪيو ۽ ميزبانن طرفان ڪين اجرڪن جا تحفا ۽ ٽرافي پڻ ڏني ويبي آخر ۾ مل ملاڪڙو ٿيو جنهن ۾ لاڙ ۽ اتر سنڌ سميت بلوچستان جي مشهور مل پهلوانن سخت ۽ دلچسپ مقابلا ڪري واهه واهه ڪرايي ڇڏي ملهن وچ ۾ سخت مقابلن بعد جي سانگهڙ ضلع جي پهلوان ميرحسن پنهرو ۽ ٽنڊوالهيار ضلعي جي پهلوان چنيسر خاصخيلي پنهنجن حريف مل پهلوانن کي ملهون دسي فائنل مقابلا کٽي ڪاميابيون ماڻي هزارين روپيا انعام بوسڪين جا پٽڪا ۽ ٽرافيون وصول ڪري ٽائيٽل پنهنجي نالي ڪري ورتا

بقايا سنڌيار 12

معائنو ڪيو ويو. هن چيو ته انسانيت جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪندڙ شهرين کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته خير جي ڪمن ۾ مخير حضرات اڳتي نه اچن.

بقايا سنڌيار 13

ڪمشنر ٺٽو غضنفر علي قادري مطابق پولنگ اسٽيشنن تي پيئڻ جي پاڻي، صفائي سٿرائي سميت سموريون سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن. هن چيو ته ٺٽي ۾ امن امان جي صورتحال معمول تي آهي، سي سي ٽي وي ڪيمرائون لڳائڻ سميگ سيڪيورٽي جا سمورا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن.

بقايا سنڌيار 14

کي الاٽ ڪرڻ لاءِ جاري ڪيل ٻن نوٽيفڪيشنز کي چيلينج ڪيو ۽ اهڙي عمل کي غيرقانني قرار ڏنو. پٽيشن ۾ يونيورسٽي پاران سنڌ حڪومت، سيڪريٽري روينيو، ايڊمنسٽريٽر ايچ ايم سي، سيڪريٽري هيومن سيٽلمينٽ، ڊائريڪٽر جنرل ۽ ريجنل ڊائريڪٽر ڪچي آبادي، ڪمشنر ۽ ڊي سي حيدرآباد، اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مختيار ڪار تعلقو حيدرآباد ڀهراڙي کي ڌر ڄاڻايو ويو هو. معزز عدالت پاران اهڙي نوٽيفڪيشن کي معطل ڪندي، ان نوٽيفڪيشن جي بنياد تي انهن سروي نمبر ۾ ڪنهن به قسم جي الاٽ مينٽ کان روڪي ڇڏيو. جڏهن ته ڌرين کي 2 فيبروري تي اسسٽنٽ ايڊوڪيٽ جنرل سميت ڌڙتي تي پهچڻ جا نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا. ان سلسلي ۾ مليل ڄاڻ موجب سنڌ زرعي يونيورسٽي ڄاڻايل ٻنهي سروري نمبرن سميت مختلف سروري نمبرس جي 42 ايڪڙن جي لڳ ڀڳ زمين تي پنهنجي مالڪي جي دعويٰ ڪئي ۽ لاڳاپيل ڪورٽن مان ڪيس پڻ کٽيو. جنهن خلاف مختلف بلڊرس پاران فيصلن خلاف اپيلون به داخل ڪيون هيون. پر اهي به رد ٿي ويو هيون. جنهن بعد سنڌ ڪچي آبادي کاتي پاران سروي نمبر 336 ۽ 340 کي ڪچي آبادي جي ملڪيت قرار ڏيندي، ان تي ويٺل ماڻهن کي الاٽ ڪري ڏيڻ لاءِ به مختلف نوٽيفڪيشن جاري ڪيا. جنهن خلاف سنڌ زرعي يونيورسٽي جي قانوني صلاحڪار ايڊوڪيٽ ارشد پٺاڻ ذريعي سنڌ هائي ڪورٽ سرڪٽ بئچ حيدرآباد اهڙي نوٽيفڪيشن تي عمل درآمد کان روڪي ڇڏيو آهي

بقايا سنڌيار 15

۾ پونڊڙ سخت سيءُ سبب ماڻهو گهرن تائين محدود ٿي ويا، گيس پريشر جي گهٽائي سميت سيپڪو پاران به ڪيترا ئي ڪلاڪ بجلي ڪري گهريلو ۽ ڪاروباري ماڻهن کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي، شهر جي مختلف هنڌن ۾ گيس پريشر جي گهٽ هجڻ سبب گهرن اندر ايل پي گيس جي استعمال ۾ اضافو اچي ويو ، تفصيلي خبر موجب نئون ديرو ۽ ان جي ڀر واري علائقن ۾ گذريل رات کان پونڊڙ جنوري جي سيءُ ڪيترن ئي سالن جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا نئون ديرو شهر ۽ ان جي ڀر واري ڳوٺن حسين پٽو ماهوٽا،ڪيهر، آگاٽي، پنجوديرو، ڳڙهي خدابخش پٽوخانواهه جروار، سانول جروار سميت سموري علائقن ۾ پونڊڙ سيءُ سبب پوڪائيءَ واري فصلن ۾ پيل ماڪ برف بڻجڻ ڪري چماٽا، سائو مرچ ۽ بصري جي فصل کي ڪاپاري ڌڪ رسيو آهي جنهن سبب علائقي جي هارين ۽ آبادگارن کي لکين روپين جو نقصان کي منهن ڏيڻ پئجي ويو آهي. گذريل رات کان پونڊڙ سيءُ ڪيترن سالن جا ريڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن. شديد سيءُ سبب علائقي ۾ درجي حرارت 1 سنٽي گريڊ ريڪارڊ ڪئي وئي آهي. ٻئي پاسي شديد سيءُ ۾ سيپڪو پاران ڪيترا ڪلاڪ بجلي جي سپلائي به بند رکي وئي جنهن ڪري ڪاروباري ماڻهن کي به نقصان رسيو آهي سياري جي شروعات کان وٺي نئون ديرو ۽ ان جي علائقن ۾ گيس پريشر نه هجڻ ڪري گهريلو صارفين ايل پي جي استعمال ڪرڻ تي مجبور آهن مگر ايل پي جي مهانگي هجڻ ڪري گهٽ آمدني وارا ماڻهون ڪاٺيون استعمال ڪرڻ تي مجبور آهن. علائقي ۾ اچانڪ سيءُ پوڻ سبب ڪاٺيون به ملڻ محال بڻجي ويون آهن. جنهن ڪري عام ماڻهو کي شديد تڪليف کي منهن ڏيڻو پئجي ويو آهي.

بقايا سنڌيار 16

کي رد ڪندي چيو ته اسان جي چوڪري لينڊ مافيا جي سرغنه ضمير جمالي، حمزو جمالي جي چرچ تي سينئر صحافي شبير ابڙو مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو آهي. انور بيگم جي امڙ ۽ پائرن سندس اهڙي ڪوڙي الزام کي رد ڪندي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي چوڪري جي چال چلت سهي ناهي ان ٻين جي چوڻ تي پيسن جي لالچ ۾ اچي شبير ابڙو سان ذاتي انتقامي ڪاروائي جي بنياد تي اهڙو ڪوڙو بيان ڏياري سندس غلط حرڪت ڪرائي آهي. انهن چيو ته اسان جي چوڪري اسان جي برادري ۾ اسان کي خوار ڪرائي ڇڏيو. انهن چيو ته صحافي شبير ابڙو بيقصور آهي اسان جي چوڪري اسان کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي. الزام مڙهندڙ عورت انور بيگم جي امڙ ۽ پائرن چيو ته صحافي شبير ابڙو مٿان ڪوڙو ڪيس ختم ڪري سندس آزاد ڪري لينڊ مافيا جي سرغنه ضمير جمالي. حمزو جمالي خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي. هوڏانهن الزام هيٺ ايندڙ صحافي شبير ابڙو جي گهر ڀاتين وزير اعليٰ سنڌ، گورنر سنڌ ايس ايس پي ملير کان گهر ڪندي چيو ته جيڪڏهن اسان سان انصاف نه ٿيو ته نيڊڻ پارن سميت ڪراچي پريس ڪلب اڳيان بک هڙتال ڪنداسين.

بقايا سنڌيار 17

مالڪن جي داداگيري. علائقي جا رهواسي روڊن تي نڪري آيا. ريلي. ڊرٺو ڏيپارجا ۾ وڌندڙ مهانگائي ۽ سستي اگهه تي اٽو نه ملڻ خلاف ڏيپارجا ۾ مين چوڪ کان ٽئڪسي چوڪ تائين احتجاجي ريلي. احتجاجي مظاهرو. مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ جو مطالبو ان موقعي تي احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ پ پ شهيد ڀٽو جو مرڪزي اڳواڻ غازي عبدالقادر ڪبر. عبدالحفيظ گلال . سائين معشوق علي شاهه محسن رضا مهدوي مجاهد حسين ڪبر، ارشد ڪنبوهه عبدالقدير ڪبر. منور حسين ڪبر، محمد يعقوب سهتو نسيم سولنگي. نعيم گلال. غلام عباس ڏيپر قربان علي شاهه ۽ ٻين جو چوڻ هو ته سڄي سنڌ جيان ڏيپارجا ۾ مهانگائي چوٽ چڙهي وئي آهي. ڏيپارجا شهر ۾ اٽو 130 کان 150 روپيا ڪلو ملي رهيو آهي ڪاڌي پيتي جي شين ۾ هر روز ٻيڻ تي مهانگا ٿي وئي آهي. غريب ماڻهون هڪ ويلي جو اٽو به خريد نٿا ڪري سگهن. اڳ ئي برسات ڏيپارجا ۽ آسپاس جي علائقن ۾ تباهي مچائي آهي جنهن سبب ماڻهن جو ڪروڙين روپين جو نقصان ٿيو آهي حڪومت جي اعلان تي ڪو به دڪاندار يا فلور مل وارا عمل نٿا ڪن. غريب ماڻهون بکون ڪاٽڻ تي مجبور آهن. جنهن ڪري عوام مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهي. احتجاج ڪندڙ جي اڳواڻن سنڌ جي وڏي وزير، ڪمشنر سکر، ڊي سي خيرپور ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته ڏيپارجا شهر ۾ سستي اگهه تي اٽي جا اسٽال لڳايا وڃن ۽ مهانگائي تي مڪمل طور ڪنٽرول ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 18

ورڪر محمد انيس ڀٽو گذريل ڪجهه سالن ۾ 50 کان وڌيڪ مستحق معذورن کي ويل چيئر (ٽرائي سائيڪلون) وٺي ڏئي چڪو آهي، سماجي ورڪر ايم انيس ڀٽو ضلعي لاڙڪاڻي جو هڪ ادارو بڻجي چڪو آهي، سوشل ميڊيا جي توسع سان غريب مسڪين يتيم بيواهن جي بنا ڪنهن فرق جي مدد ٿو ڪري ان کان علاوه غريبن کي پاڻي جا نلڪا لڳرائي ڏيڻ، سوين يتيم ٻارڙن کي عيدن تي نوان ڪپڙا وٺي ڏيڻ، مسڪين بيمارن جون آپريشن ڪرائڻ، ۽ غريبن کي دوائون وٺي ڏيڻ، نوجوانن کي روزگار لاءِ سلائي مشينون، ريڙهيون وٺي ڏيڻ، غريب شاگردن جون يونيورسٽي ۽ ڪاليج ۾ فيس ڀرڻ، غريب نياڻين کي ڏاج وٺي ڏيڻ، ڏکي گهڙي لاڪ ڊائون ۽ برسات ۾ بي گهر ٿيل ماڻهن جي مدد ڪئي

بقايا سنڌيار 19

چيو ته ايڊمنسٽريٽر جاويد احمد راهپوٽو گذريل ٻن مهينن کان بلاجواز پگهارون بند ڪري ڇڏيون آهن ، جنهن سبب فاقا ڪشي تي مجبور آهيون ، هنن چيو ته گهاٽي توڙ مهانگائي ۾ گذر سفر مشڪل بڻجي ويو آهي ، بار بار شڪايتون ڪيون آهن انصاف ته نه ٿو ڪيو وڃي اڃان مختلف طريقين سان ڌمڪايو پيو وڃي جنهن سبب دربدري واري زندگي گذاري رهيا آهيون، هنن وزير بلديات سيڪريٽري بلديات ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪندي چيو آهي ته گذريل مهينن کان رهيل پگهارون ڏئي فاقا ڪشي کان بچائي انصاف فراهم ڪيو وڃي ۽ ڊيلي ويجز ملازمن سان انصاف ڪري ملازمن کي معاشي تنگي کان بچايو وڃي ٻي صورت ايڊمنسٽريٽر آفيس اڳيان مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال سميت احتجاجي دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 20

انور علي پٽي ڪراچي ڊويزن صدر سيد فريد سينٽرل ڪراچي صدر عمر شيخ ويسٽ ڪراچي صدر محمد بشير احمد پناهه جي اڳواڻي ۾ حلف برداري تقريب ڪوٺائي وئي جنهن ۾ ضلع دادو صدر عبدالجبار منگي،نائب صدر شير محمد سومرو جنرل سيڪريٽري اڪرم علي پنهور جوائينٽ سيڪريٽري محرم علي شينو پريس سيڪريٽري ضمير احمد ٻير خزانچي سرفراز احمد سومرو منتخب ڪيا ويا.

بقايا سنڌيار 21

پٽول جا بل ناهي ٽائون جو ٻيڙو غرق ڪيو آهي

بقايا سنڌيار 22

ڪندي گرينڊ هيلٿ الائينس ضلع دادو جي اڳواڻن راجه رفيق پنهور نثار احمد لاشاري امان الله پنهور محمد آچر پنهور صداقت علي سومرو، امتياز احمد چانڊيو ۽ ٻين چيو ته هيلٿ ۾ ڪندڙ ملازمن جي جائز مسئلن کي سنڌ حڪومت حل ڪرڻ ۾ ڪڏهن سنجيدگي نه ڏيکاري آهي هن وقت تائين صحت کاتي ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن جو هڪ به مسئلو حل نه ٿيو آهي اڳواڻن سنڌ حڪومت کي چتاءُ ڏيندي چيو ته اسان جا جائز مسئلا رسڪ الائونس،هيلٿ پروفيشنل الائونس سپورٽنگ اسٽاف جي ٽائيم اسڪيل پئراميڊيڪل جو سروس اسٽڪچر نرسنگ اسٽاف جي پروموشن سميت گرينڊ هيلٿ الائينس طرفان پيش ڪيل مطالبا فوري طور حل ڪيا وڃن.

بقايا سنڌيار 23

واسي 12 سالن جي سيما، 8 سالن رمشا، 6 سالن نظيران ڌيءُ وسيم جعفري کي اي سيڪشن ٿاڻي تي رکيو ويو 3 ئي معصوم چوڪريون امام علي شاهاڻي جي دوڪان ۾ داخل ٿي چوري ڪري رهيون هيون ته ڪين پڪڙي پوليس حوالي ڪيو آهي، معصوم نينگرين ٻڌايو ته اسان بيگناهه آهيون بنا سبب جي پڪڙيو ويو آهي ، معصوم ٻينرون اي سيڪشن ٿاڻي ۾ زارو قطار روئنديون رهيون تلاشي دوران 3 ٻينرن وٽان ڪا به شيءِ هٿ نه آئي جڏهن ته گرفتار نينگرين جا وارث پوليس ٿاڻي تي آخري اطلاع تائين نه پهتا آهن.

بقايا سنڌيار 24

۽ جي ڊي اي پاران ٽنڊوباگو ٽائون ڪاميٽي ۾ پنهنجا پنهنجا اميدوار ڪٽرائڻ لاءِ ننهن چوٽي جا زور لڳايا پيا وڃن. پيپلزپارٽي ٽائون ڪاميٽي ٽنڊوباگو جي اليڪشن ۾ چيئرمين شپ حاصل ڪرڻ لاءِ ڏڙا بندي جو شڪار ٿي ٽن گروپن ۾ ورهايل نظر اچي پئي، جن ۾ ضلعي جنرل سيڪريٽري ۽ ارباب گروپ، ايم اين اي مير غلام علي ٽالپر جي ڪوآرڊينيٽر مير وقار ٽالپر جو گروپ ۽ علي بخش شاهه ۽ ياسمين شاهه جو شاهه گروپ شامل آهن. مير گروپ پاران پيپلزپارٽي جي جمالي گروپ کي هارائڻ لاءِ جي ڊي اي جي اميدوارن سان چونڊ اتحاد جوڙي ورتو آهي. جي ڊي اي پاران پيپلزپارٽي جي نامزد اميدوارن جي سامهون پنهنجا اميدوار بيهاريا آهن. صرف وارڊ نمبر 2 تي مير گروپ جي اميدوار مير محمد بخش ٽالپر سامهون پنهنجو اميدوار نه بيهاريو ويو آهي. ٽنڊوباگو ٽائون ڪميٽي جي 9 واردن مان ٻن واردن وارڊ نمبر 5 تي بيٺل جماعت اسلامي جي عورت اميدوار سڪينا شيخ ۽ وارڊ نمبر 7 تي مرزا گروپ جي اميدوار محمد زمان رستماڻي جي وفات سبب 15 جنوري تي اليڪشن نه ٿي سگهندي، جڏهن ته وارڊ نمبر 1 شيدي محلي تي پ پ پاران پير بخش شيدي ۽ جي ڊي اي پاران استو سومار شيدي وچ ۾ مقابلو ٿي رهيو آهي. وارڊ نمبر 3 تي پ پ جي اميدوار يار محمد خاصخيلي ۽ جي ڊي اي جي ذوهيب خواجه وچ ۾ مقابلو ٿي رهيو آهي، وارڊ نمبر 4 تي پ پ پ پاران غلام رسول ڪاتيار، جي ڊي جو منصور ڪاتيار ۽ آزاد اميدوار نور محمد ڪاتيار وچ ۾ مقابلو ٿي رهيو آهي، وارڊ نمبر 6 تي پ پ پ جي اميدوار رفيق احمد ميمڻ جو مرزا گروپ جي اڳواڻ ۽ جي ڊي اي جي اميدوار غلام محمد خواجه عرف دلبر سنڌي سان مقابلو ٿي رهيو آهي. جڏهن ته هن وارڊ تي لوهاڻه ڪميونٽي جو لڪي موروائي ۽ پي ٽي آئي جو رابيندر شرما به اميدوار بيٺل آهن. وارڊ نمبر 8 تي پ پ جي اميدوار مير صحبت ٽالپر ۽ جي ڊي اي جي سڪندر ميمڻ وچ ۾ مقابلو ٿي رهيو آهي. وارڊ نمبر 9 تي پ پ اميدوار محمد رحيم پنهور ۽ جي ڊي اي جي اميدوار امانت چيما وچ ۾ مقابلو ٿي رهيو آهي. جڏهن ته ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو جو سڀ کان وڏو مقابلو وارڊ نمبر 2 تي پيپلزپارٽي جي اميدوار ۽ اڳوڻي چيئرمين خان صاحب جمالي ۽ مير گروپ جي آزاد اميدوار مير محمد بخش ٽالپر وچ ۾ ٿي رهيو آهي. چيو پيو وڃي ته وارڊ نمبر 2 تان جيڪو به اميدوار ڪامياب ٿيندو اهو چيئرمين جو اميدوار هوندو.

بقايا سنڌيار 25

رهيا آهن ۽ انهن جي ٻچن جي تعليم کسي رهيا آهن وڌيڪ هنن چيو ته سنڌ ترقي پسند پارٽي هميشه سنڌ جي مسئلن تي عوام سان گڏ آهي سنڌ ترقي پسند پارٽي اڳواڻن وڌيڪ خطاب ڪندي چيو ته سنڌي قوم کي سجاڳ ٿيڻ جي ضرورت آهي. جيسيتائين سنڌ جي عوام پاڻ ۾ پنهنجا حق وٺڻ جي صلاحيت پيدا نه ٿي ڪري تيستائين اسان غلامي جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هونداسين. زرداري مافيا سنڌ لاءِ ناسور بڻيل آهي جنهن جي خاتمي سان سنڌ ترقي جي راهه جي قابض بڻجي سگهي ٿي هنن ڊي سي گهوٽڪي ۽ مختيارڪار ڌهرڪي اشرف پتافي کان مطالبو ڪيو ته اٽي جي هٽڙادو ڪوٽ ختم ڪري سستي اگهه تي هر دوڪان تي اٽو فراهم ڪيو وڃي جيئن سنڌ جي عوام آساني سان اٽو وٺي سگهي

بقايا سنڌيار 26

سميت وڏا پروجيڪٽ ڏنا آهن اتحاد جا اڳواڻ اسان جو ساٿ ڏين شهر کي خوبصورت بڻائينداسين امتياز احمد شيخ شڪارپور بچايو تحريڪ جي حلف برداري تقريب مقامي هال ۾ ٿي گذري چيئرمين الاهي بخش شيخ، وائيس چيئرمين علي احمد ٻرڙو ، جنرل سيڪريٽري عبدالوهاب ڪاغذي، جوائنٽ سيڪريٽري فضل الله نوراني، پريس سيڪريٽري عبدالغفور دايو، فنانس سيڪريٽري پروفيسر پرڪاش لعل ۽ آفيس سيڪريٽري اعجاز ڪاڪيپوٽو پنهنجي عهدن جو حلف کڻي ورتو تقريب ۾ سياسي سماجي، واپاري، ووڪيلن، دانشورن، ضلعي انتظاميا، صحافين سميت هر مڪتب فڪر سان سلهاڙيل ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي نئي منتخب چيئرمين الاهي بخش شيخ ڳالهائيندي چيو ته شڪارپور بچايو تحريڪ جو نصب العين هر مظلوم جي حمايت هر ظلم سان بغاوت بلا تفريق شهر ۽ شهرين جي خدمت ڪرڻ آهي هن وقت شهر جي اهم مسئلن ميهن جا واڙا شهر کان ٻاهر منتقل ڪرائڻ ۽ شهر ۾ سئي گئس جي گهٽ پريشر ۽ لوڊشيڊنگ جي ظلم کان نجات ڏيارڻ اولين ترجيح هوندا شهرين سان سلهاڙيل رهنداسين تقريب ۾ اڳوڻو چيئرمين قاري مجيب الرحمان مدني ڳالهائيندي چيو ته هن پليٽ فارم تان شهرين جي خدمت جاري رکنداسين شهر جا مسئلا سڀ کان اولين ترجيح آهن . تقريب ۾ مهمان خاص صوبائي وزير سنڌ انرجي ڊپارٽمينٽ امتياز احمد شيخ ڳالهائيندي چيو سنڌ حڪومت جي ترجيحات اها آهي شهر کي وڌ کان وڌ سهولتون مهيا ڪيون ان لاءِ شڪارپور ۾ محنت جاري آهي روڊ رستا. يونيورسٽي، ڊرينيج نظام ، شهيد الطاف پيو اسپورٽس ڪمپليڪس، ٽراما ايمرجنسي سينٽر سميت وڏا پروجيڪٽ مڪمل ٿيڻ وارا آهن صوبائي وزير وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته شهري فورم انتظاميه ۽ سياستدان لاءِ وڏو سهارو هوندا آهن اوهان سان گڏجي شهر جي مسئلن جي حل لاءِ ڀرپور ڪوششون ونداسين، مهانگائي جي ختم ڪرڻ لاءِ اسانجو ڪوشش جاري آهن تقريب ۾ قاري مجيب الرحمان مدني، الاهي بخش شيخ سميت ٻين خطاب ڪيو تقريب ۾ اپڪا جو صوبائي صدر مقبول مهر، آغا ثناءُ الله خان دراني، ذوالفقار خان جيهو، عبدالقادر ابڙو، ڊي آءِ او غازي سڪندر پٽو ممتاز پٽو تعلقه ايجوڪيشن آفيسر امجد شيخ، ايم ايس ڊاڪٽر نادر علي پنهور، ظفر علي چنه، زاهد پنهرو، ڊاڪٽر عامر عباس سومرو، گوپال داس، طارق دائودپوٽو شڪيل پٽو،مولوي مشتاق سهنڊڙو آغا فهد خان، امداد سومرو، ممتاز پٽو احسان جيهو،علي اصغر ڀهوڙ،ميان ظفر علي علوي، ارشاد آرائين، افضل حسين مغل، حاجي احسان ميمڻ،عبدالفتاح مهر، وحيد قريشي، وحيد قلپوٽو، سجاد سيٺار، عبدالخالق سومرو، عرفان ملڪ، خالد حسين سومرو، عديل علوي، بلاول سنجراڻي، سميع الله شيخ، مسعود احمد قادري، ڊاڪٽر جهانگير شيخ، عمران منگي، شوڪت بلوچ سميت وڏي انگ ۾ شهرين شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 27

ميرپور ماٿيلو کي 200 عدد گٽڪي پان پراگ جي پڙين ۽ 200 روڪ رقم سميت گرفتار ڪري ورتو پوليس گرفتار ڪيل جوابدار کي برآمد پان پراگ جي پڙين سميت ٿاڻي تي کڻي آئي ۽ سندس 4/8 مين پڙي ايڪٽ جي تحت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو

بقايا سنڌيار 28

کان بچاءُ جا ڦڙا پيارڻا ويندا ان کان علاوه ٻارن کي قوت مدافعت وڌائڻ لاءِ 6 مهينن کان 5سالن جي ٻار کي وٽامن اي جا ڪيپسول ڏنا ويندا. ان موقعي تي مسٽر اوڍو صاحب هيلٿ عملي کي هدايت ڏيندي چيو ته جيئن ڪو به ٻار پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پيارڻ ۾ رهجي نه وڃي. هن وڌيڪ چيو ته خاص ڪري دور دراز ٻوڏ متاثر علائقن تي گهڻو ڌيان ڏنو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته قمبر شهدادڪوٽ ضلعو ٻن سالن کان پوليو فري آهي: اميد ڪجي ٿي ته هن پوليو مرض جو خاتمو ٿيندو ڊپٽي ڪمشنر سليم الله اوڊو قمبر ضلعي جي عوام کي اپيل ڪئي آهي ته اسان جون پوليو کان بچاءُ جون ٽيمون 16 جنوري کان 22 جنوري تائين اوهان جي در در تي اچي ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پياريندون توهان انهن سان تعاون ڪري پنهنجي ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پياريو هن موضي مرض کان بچايو ان موقعي تي ڊي ايچ او قمبر ڊاڪٽر ذوالفقار تنيو: ڊبليو ايڇ او: نان اسٽاپ: ۽ يونيسيف جي نمائندن شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 29

تي پلاٽنگ ڪري ٻين ماڻهن کي وڪرو ڪري رهيو آهي. هن چيو ته ميرياسين ٽالپر منهنجو مڙس ستار نوحاڻي کي ورغلائي ان کي نشو پياري جعلسازي ذريعي منهنجي کاتي واري زمين جا ڪوڙا ڪاغذ ناهي پٽيواري تي پلاٽنگ جو ڪارو بار ڪري رهيو آهي ۽ ٻيٽو مونکي جان مارڻ جون ڌمڪيو ڏئي رهيو آهي. اها مون سان سراسر ظلم ٿي رهيو آهي. هن ڊي سي سجاول، ايس پي سجاول کان گهر ڪئي آهي ته منهنجي ذاتي ملڪيت زرعي زمين سروي نمبر 117 هن ٻالاتر نگ مير ياسمين ٽالپر کان بچائي ڏني وڃي ۽ هن جي مٿان قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 30

اميدوارن وچ ۾ چونڊ مقابلو ٿيندو جتي 9 لک 12 هزار 4 سئو 72 ووٽر پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪندا جن لاءِ 6 سئو 38 پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون ويون آهن. جڏهن ته 170 پولنگ اسٽيشنن کي انتهائي حساس قرار ڏنو ويو آهي جڏهن ته دادو جي وارڊ نمبر 20 يوسي پٽ گل محمد ۽ يو سي ٻتڙا ۾ اميدوارن جي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ چونڊ ملتوي ڪئي وئي آهي. جڏهن ته چونڊن کان اڳ 82 اميدوار بنا مقابلي ڪامياب ٿي ويا آهن. جن ۾ پ پ پ جا 62، پي ٽي آءِ جا 15 ۽ 02 آزاد اميدوار ۽ ٻين پارٽين جا 03 اميدوار شامل آهن. جڏهن ته سڪيورٽي لاءِ 5135 اهلڪار ۽ آفيسر جڏهن ته 6747 پولنگ اسٽاف ڊيوٽي سرانجام ڏيندا سڄي ضلعي ۾ پولنگ واري ڏينهن قلم 144 لاڳو رهندو.

بقايا سنڌيار 31

وزير امتياز شيخ جو تقريب کي خطاب، تفصيل موجب: گذريل ڏينهن شڪارپور پريس ڪلب جي سال 2023ع لاءِ چونڊيل نون عهديدارن صدر رحيم بخش جمالي، نائب صدر ديدار علي سومرو، جنرل سيڪريٽري وحيد بروهي، سني سلامت سوڍو، جبران ابڙو، آغا اسرار، وسيم سنجراڻي، ابراهيم بروهي، عارف قريشي ۽ کي حلف کڻائڻ لاءِ پريس ڪلب شڪارپور ۾ هڪ زبردست تقريب ڪوٺائي وئي جتي صوبائي وزير امتياز احمد شيخ چونڊيل باڊي کي پنهنجي عهدن جو حلف کڻايو. تقريب ۾ ايس ايس پي شڪارپور رٽائرڊ ڪئپٽن فيضان علي، درگاهه ٻڍل فقير جو گادي نشين ثناءُ الله مست مقيم، چيمبر آف ڪامرس جي اڳوڻو صدر، ڏتي بخش ميمڻ، ڪيبل ايسوسيشن پاڪستان جو مرڪزي چيئرمين خالد آرائين سميت ڪيترن ئي شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي تقريب کي پريس ڪلب جي صدر رحيم بخش جمالي ۽ جنرل سيڪريٽري وحيد بروهي خطاب ڪندي چيو ته اسين عوام جا مستقل چونڊيل نمائندا آهيون ۽ اسان مٿان ڪوڙ ذميواريون آهن، پريس ڪلب هميشه پنهنجو سٺو ڪردار ادا ڪيو آهي، هنن وڌيڪ چيو ته پ پ جي چونڊيل نمائندن هميشه سهڪار ڪري شڪارپور پريس ڪلب جون عمارتون ٺهرايون آهن اڳتي به اميد ٿا ڪيون ته پ پ حڪومت اڳ جيان تعاون ڪندي رهندي، تقريب جي مهمان خاص پ پ جي توانائي واري وزير امتياز احمد شيخ چيو ته صحافت هڪ اهم شعبو آهي جيڪي چڱايون ۽ برايون پيش ڪري عوام آڏو آئينو بڻجي اڳتي اچن ٿا. هن چيو ته پي ٽي آئي حڪومت چار سال صرف ملڪ ۾ انتشار ڦهلايو ۽ سنڌ سان مائٽيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو صرف خالي اعلان ڪيا. هاڻي به تازو ٿيل برساتن ۾ دنيا کان فنڊرائيزنگ ڪئي ان مان به اڃان تائين عوام کي ٽڪو به نه ڏنو آهي، اڃان تائين ملڪ ۾ افراتفري ڦهلائي رهيو آهي، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ڪامياب خارجه پاليسين سڀ دنيا جي امير ملڪن برسات متاثرن جي بحالي لاءِ اربين ڊالرن ۾ فنڊ رائيزنگ ڪئي آهي، پي ڊي ايم ۽ سنڌ حڪومت ايمانداري، سچائي ۽ پلاننگ سان غريبن جي در تائين اها رقم پهچائيندي، امتياز احمد شيخ وڌيڪ چيو ته شڪارپور ۾ برسات متاثرن جي پيپلز پارٽي کان علاوه ڪنهن به ايتري مدد ڪون ڪئي آهي، متاثرن ۾ راشن، خيما، ترپالون، ڪاڌ خوراڪ، دوائون، جانورن لاءِ گاهه ان کان علاوه هاڻي جاين جي مد ۾ سنڌ حڪومت پاران رقم ڏني ويندي، هن چيو ته پي ايس سٽ جي حلقي ۾ وڏي تعداد ۾ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن، عوام جا بنيادي مسئلا حل ڪيان پيو، پهريون شڪارپور گندي پاڻي جي لپيٽ ۾ هيو هاڻي طرف روڊ، رستا، پيور بلاڪ، ناليون، ڪچن آبادين ۾ بنيادي سهولتون مهيا ڪيون آهن، ميگا ڊرينيج اسڪيم پنجن سالن کان مٺي هلندڙ آهي جيڪا مڪمل ٿيڻ سان ڪٿي به برسات ۽ گندو پاڻي جمع نه ٿيندو، شهر جي پمپنگ اسٽيشنن کي ايڪسپريس لائين سان جوڙي رهيا آهيون، وومين جيم ۽ پارڪ سميت شهيد الطاف خان پيو ڪرڪيٽ اسٽيڊيم کي نئين سر مرمت جي اسڪيم جوڙي آهي جيڪا هلندڙ سال اسڪيم شروع ڪنداسين. امتياز احمد شيخ چيو ته خانپور، ميان جو ڳوٺ، همايون، سلطان ڪوٽ ۽ ٻين هنڌن تي ترقياتي ڪم تيزي سان جاري آهن، شهر ۽ ڳوٺن ۾ سون جي تعداد ۾ بجلي جا نوان ٽرانسفارمر ۽ بجلي جون نيون اسڪيمون شروع ڪيو آهن. جلد توانائي کاتي طرفان گهرن ۾ سستي اگهن سولر سسٽم لڳايو ويندو، ڊسٽرڪٽ جيل، اسڪولن ۽ ٻين سرڪاري عمارتن ۾ سولر سسٽم نصب ڪيو ويندو، هن چيو ته سنڌ حڪومت طرفان شڪارپور پريس ڪلب لاءِ 30 لک رپيا بجيٽ منظور ڪرائي آهي ۽ پنهنجي طرفان 5 لک رپيا ڏيڻ جو اعلان ڪيان ٿو تقريب ۾ واپاري اڳواڻ حاجي ڏتي بخش ميمڻ، ڊسٽرڪٽ بار صدر پريس ڪلب اليڪشن ڪمشنر عبدالقادر ابڙو ۽ ٻين خطاب ڪيو تقريب جي آخر ۾ صوفياڻي محفل موسيقي جو پڻ بندوبست ڪيو ويو جنهن ۾ درگاهه ٻڍل فقير جي فقيرن فن جو مظاهرو ڪري تقريب ۾ شريڪ ماڻهن جو داد حاصل ڪيو

بقايا سنڌيار 32

پيز سميت سمورن ٿاڻن جي ايس ايڇ اوز ۽ مختلف برانچن جي انچارجز ۽ ڊي آءِ بي سيڪشن جي عملدارن شرڪت ڪئي، بلدياتي اليڪشن ۾ امن امان قائم ڪرڻ جي لاءِ حڪمت عملي جوڙي وئي، جڏهن ته دادو ضلعي جي سمورن پولنگ اسٽيشنن تي سيڪيورٽي جا غير معمولي انتظام ڪيا ويندا سڪيورٽي پلان موجب دادو ضلعي ۾ 638 پولنگ اسٽيشنز آهن، جن ۾ 468 حساس پولنگ اسٽيشنز ۽ 170 انتهائي حساس پولنگ اسٽيشنز ظاهر ڪيون ويون آهن. بلدياتي اليڪشن ۾ امن امان برقرار رکڻ لاءِ 5135 پوليس عملدار ۽ اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن. 102 ڪوئيڪ ريسپانس فورس ٽيمون جوڙيون ويون آهن جيڪي پوليس ٽيمون سيڪيورٽي لاءِ مانيٽرنگ ڪرڻ واري سيل سان لاڳاپيل هونديون، ضرورت وقت پنهنجي ذميواري نڀائينديون. ان سلسلي ۾ ايس ايس پي دادو سمورن پوليس آفيسرن کي هدايتون جاري ڪيون آهن ته جاري ڪيل سڪيورٽي پلان تي عملدرآمد کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي، ايس ايس پي دادو وڌيڪ چيو ته شفاف ۽ پرامن چونڊون ڪرائڻ اسان جو قومي فرض آهي جنهن لاءِ اسان سيني کي محنت ۽ ساٿ ڏيڻ جي ضرورت آهي. پوليس جي وڏي نفري سان گڏ رينجرز به سيڪيورٽي جا فرض سرانجام ڏيندي. خاص پيٽرولنگ پلان تحت پولنگ اسٽيشنن جي چوڌاري مسلسل گشت کي يقيني بڻايو ويندو سمورن ڊي ايس پيز ۽ ايس ايڇ اوز کي گهرجي ته هو پنهنجي پنهنجي تڪن ۾ اميدوارن ۽ انهن جي پارٽي ڪارڪنن سان ملاقاتون ڪري ڪين اليڪشن ڪميشن پاران جاري ڪيل ضابط اخلاق تي عمل ڪرڻ جو پابند ڪن. ڪنهن به اڻٽنڊڙ صورتحال کي نظر ۾ رکندي احتياطي تدبيرون اختيار ڪيون وڃن. اڻ وڻندڙ واقعن جي صورت ۾ قانون کي فوري طور تي فعال ڪيو وڃي ۽ قانون هٿ ۾ کڻڻ وارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي. حڪومت مڪاني چونڊن دوران هٿيارن جي نمائش تي پابندي لڳائي ڇڏي آهي ۽ قلم 144 لاڳو ڪيو ويو آهي پڪڙجي ڪندڙن خلاف فوري طور ڪيس داخل ڪيو ويندو.ان سلسلي ۾ هڪ اسپيشل ويلفيئر ٽيم پڻ جوڙي وئي آهي جيڪا ٻاهران ڊيوٽي تي ايندڙ پوليس اهلڪارن جي انتظامن جو جائزو وٺندي. چونڊن دوران سمورن سڪيورٽي معاملن جي نگراني لاءِ اسپيشل اليڪشن سيل پڻ قائم ڪيو ويو آهي. جنهن ذريعي صورتحال جو لمحي به لمحي جائزو ورتو ويندو. آخر ۾ ايس ايس پي دادو ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادو سمورن پوليس اهلڪارن کي سختي سان حڪم ڏيندي چيو ته اليڪشن جي حساس ڊيوٽي ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي ۽ لاپرواهي ڪندڙ اهلڪارن خلاف محڪماتي ڪاروائي ڪئي ويندي

بقايا سنڌيار 33

ورڪر محمد انيس ڀٽو گذريل ڪجهه سالن ۾ 50 کان وڌيڪ مستحق معذورن کي ويل چيئر (ٽرائي سائيڪلون) وٺي ڏئي چڪو آهي، سماجي ورڪر ايم انيس ڀٽو ضلعي لاڙڪاڻي جو هڪ ادارو بڻجي چڪو آهي، سوشل ميڊيا جي توسع سان غريب مسڪين يتيم بيواهن جي بنا ڪنهن فرق جي مدد ٿو ڪري ان کان علاوه غريبن کي پاڻي جا نلڪا لڳرائي ڏيڻ، سوين يتيم ٻارڙن کي عيدن تي نوان ڪپڙا وٺي ڏيڻ، مسڪين بيمارن جون آپريشن ڪرائڻ، ۽ غريبن کي دوائون وٺي ڏيڻ، نوجوانن کي روزگار لاءِ سلائي مشينون، ريڙهيون وٺي ڏيڻ، غريب شاگردن جون يونيورسٽي ۽ ڪاليج ۾ فيس ڀرڻ، غريب نياڻين کي ڏاج وٺي ڏيڻ، ڏکي گهڙي لاڪ ڊائون ۽ برسات ۾ بي گهر ٿيل ماڻهن جي مدد ڪئي

بقايا سنڌيار 34

۾ مقابلي جو امڪان آهي، نئي ضلعي جي ٻن ٽائون ڪميٽين گهوڙاٻاري ۽ ڳاڙهو ۾ پ پ پ جي حمايت ۾ اميدوار بنا مقابلي ڪامياب ٿيا آهن. نئي جي ميونسپل ڪاميٽي جي 9 سيٽن مان 2 سيٽن تي پيپلز پارٽي جا اميدوار بنا مقابلي ڪامياب ٿي ويا آهن. جڏهن ته 7 سيٽن تي پ پ پ جماعت اسلامي ۽ پي ٽي آءِ جي اميدوارن وچ ۾ مقابلو آهي، ٽائون ڪميٽي مڪلي جي 7 سيٽن مان 4 سيٽون ڪٽي ويون آهن. پيپلز پارٽي جا اميدوار بنا مقابلي ڪٽي ويا. باقي 3 سيٽن تي پيپلز پارٽي ۽ جماعت اسلامي ۽ قومي عوامي تحريڪ جي اميدوارن وچ ۾ مقابلو آهي، ضلعي جي 40 ضلعي ڪائونسلن جي سيٽن تي پ پ جا 20 کان وڌيڪ اميدوار بنا مقابلي ڪامياب ٿي ويا آهن. باقي 20 ضلعي ڪائونسلن جي سيٽن تي پيپلزپارٽي، آزاد اميدوارن، جي يو آءِ، پي ٽي آءِ جي اميدوارن وچ ۾ مقابلو ٿيندو. ضلعي جي 40 يوسيز جي جنرل ڪائونسلر جي 160 سيٽن مان 102 اميدوارن کي ڪامياب قرار ڏنو ويو آهي، جڏهن ته 58 سيٽن تي مقابلو متوقع آهي، ان حوالي سان ضلعي انتظاميا سموريون تياريون مڪمل ڪري ورتيون آهن، مجموعي طور 270 پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون ويون آهن. اليڪشن ڪميشن نئي پاران پولنگ اسٽيشنن تي پولنگ آفيسرن ۽ اسسٽنٽ پولنگ آفيسرن سميت 3 هزار 300 پولنگ عملو مقرر ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ مرد ووٽرن جو انگ 2 لک 88 هزار 278، عورت ووٽرن جو انگ 2 لک 34 هزار 237 آهي. ضلعي جي 270 پولنگ اسٽيشنن مان 31 پولنگ اسٽيشنن کي انتهائي حساس ۽ باقي 239 پولنگ اسٽيشنن کي حساس قرار ڏنو ويو آهي.

بقايا سنڌيار 35

۾ پونڊڙ سخت سيءُ سبب ماڻهو گهرن تائين محدود ٿي ويا، گيس پريشر جي گهٽائي سميت سيپڪو پاران به ڪيترا ئي ڪلاڪ بجلي ڪري گهريلو ۽ ڪاروباري ماڻهن کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي، شهر جي مختلف هنڌن ۾ گيس پريشر جي گهٽ هجڻ سبب گهرن اندر ايل پي گيس جي استعمال ۾ اضافو اچي ويو ، تفصيلي خبر موجب نئون ديرو ۽ ان جي ڀر واري علائقن ۾ گذريل رات کان پونڊڙ جنوري جي سيءُ ڪيترن ئي سالن جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا نئون ديرو شهر ۽ ان جي ڀر واري ڳوٺن حسين پٽو ماهوٽا،ڪيهر، آگاٽي، پنجوديرو، ڳڙهي خدابخش پٽوخانواهه جروار، سانول جروار سميت سموري علائقن ۾ پونڊڙ سيءُ سبب پوڪائيءَ واري فصلن ۾ پيل ماڪ برف بڻجڻ ڪري چماٽا، سائو مرچ ۽ بصري جي فصل کي ڪاپاري ڌڪ رسيو آهي جنهن سبب علائقي جي هارين ۽ آبادگارن کي لکين روپين جو نقصان کي منهن ڏيڻ پئجي ويو آهي. گذريل رات کان پونڊڙ سيءُ ڪيترن سالن جا ريڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن. شديد سيءُ سبب علائقي ۾ درجي حرارت 1 سنٽي گريڊ ريڪارڊ ڪئي وئي آهي. ٻئي پاسي شديد سيءُ ۾ سيپڪو پاران ڪيترا ڪلاڪ بجلي جي سپلائي به بند رکي وئي جنهن ڪري ڪاروباري ماڻهن کي به نقصان رسيو آهي سياري جي شروعات کان وٺي نئون ديرو ۽ ان جي علائقن ۾ گيس پريشر نه هجڻ ڪري گهريلو صارفين ايل پي جي استعمال ڪرڻ تي مجبور آهن مگر ايل پي جي مهانگي هجڻ ڪري گهٽ آمدني وارا ماڻهون ڪاٺيون استعمال ڪرڻ تي مجبور آهن. علائقي ۾ اچانڪ سيءُ پوڻ سبب ڪاٺيون به ملڻ محال بڻجي ويون آهن. جنهن ڪري عام ماڻهو کي شديد تڪليف کي منهن ڏيڻو پئجي ويو آهي.

بقايا سنڌيار 36

۽ جي ڊي اي پاران ٽنڊوباگو ٽائون ڪاميٽي ۾ پنهنجا پنهنجا اميدوار ڪٽرائڻ لاءِ ننهن چوٽي جا زور لڳايا پيا وڃن. پيپلزپارٽي ٽائون ڪاميٽي ٽنڊوباگو جي اليڪشن ۾ چيئرمين شپ حاصل ڪرڻ لاءِ ڏڙا بندي جو شڪار ٿي ٽن گروپن ۾ ورهايل نظر اچي پئي، جن ۾ ضلعي جنرل سيڪريٽري ۽ ارباب گروپ، ايم اين اي مير غلام علي ٽالپر جي ڪوآرڊينيٽر مير وقار ٽالپر جو گروپ ۽ علي بخش شاهه ۽ ياسمين شاهه جو شاهه گروپ شامل آهن. مير گروپ پاران پيپلزپارٽي جي جمالي گروپ کي هارائڻ لاءِ جي ڊي اي جي اميدوارن سان چونڊ اتحاد جوڙي ورتو آهي. جي ڊي اي پاران پيپلزپارٽي جي نامزد اميدوارن جي سامهون پنهنجا اميدوار بيهاريا آهن. صرف وارڊ نمبر 2 تي مير گروپ جي اميدوار مير محمد بخش ٽالپر سامهون پنهنجو اميدوار نه بيهاريو ويو آهي. ٽنڊوباگو ٽائون ڪميٽي جي 9 واردن مان ٻن واردن وارڊ نمبر 5 تي بيٺل جماعت اسلامي جي عورت اميدوار سڪينا شيخ ۽ وارڊ نمبر 7 تي مرزا گروپ جي اميدوار محمد زمان رستماڻي جي وفات سبب 15 جنوري تي اليڪشن نه ٿي سگهندي، جڏهن ته وارڊ نمبر 1 شيدي محلي تي پ پ پاران پير بخش شيدي ۽ جي ڊي اي پاران استو سومار شيدي وچ ۾ مقابلو ٿي رهيو آهي. وارڊ نمبر 3 تي پ پ جي اميدوار يار محمد خاصخيلي ۽ جي ڊي اي جي ذوهيب خواجه وچ ۾ مقابلو ٿي رهيو آهي، وارڊ نمبر 4 تي پ پ پ پاران غلام رسول ڪاتيار، جي ڊي جو منصور ڪاتيار ۽ آزاد اميدوار نور محمد ڪاتيار وچ ۾ مقابلو ٿي رهيو آهي، وارڊ نمبر 6 تي پ پ پ جي اميدوار رفيق احمد ميمڻ جو مرزا گروپ جي اڳواڻ ۽ جي ڊي اي جي اميدوار غلام محمد خواجه عرف دلبر سنڌي سان مقابلو ٿي رهيو آهي. جڏهن ته هن وارڊ تي لوهاڻه ڪميونٽي جو لڪي موروائي ۽ پي ٽي آئي جو رابيندر شرما به اميدوار بيٺل آهن. وارڊ نمبر 8 تي پ پ جي اميدوار مير صحبت ٽالپر ۽ جي ڊي اي جي سڪندر ميمڻ وچ ۾ مقابلو ٿي رهيو آهي. وارڊ نمبر 9 تي پ پ اميدوار محمد رحيم پنهور ۽ جي ڊي اي جي اميدوار امانت چيما وچ ۾ مقابلو ٿي رهيو آهي. جڏهن ته ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو جو سڀ کان وڏو مقابلو وارڊ نمبر 2 تي پيپلزپارٽي جي اميدوار ۽ اڳوڻي چيئرمين خان صاحب جمالي ۽ مير گروپ جي آزاد اميدوار مير محمد بخش ٽالپر وچ ۾ ٿي رهيو آهي. چيو پيو وڃي ته وارڊ نمبر 2 تان جيڪو به اميدوار ڪامياب ٿيندو اهو چيئرمين جو اميدوار هوندو

بقايا سنڌيار 37

ملاڪڙو ۽ صوفياڻي راڳ رنگ جي محفل ٿي گذري جنهن ۾ وزيراعلي سنڌ جي ائڊوايزر زين العابدين شاهه زاهد بشير سريوال تنوير احمد سريوال ابير احمد سريوال سميت علائقي جي سياسي سماجي شخصيتن سان گڏ علائقي واسين هزارن جي تعداد ۾ شرڪت ڪيي تقريب جو آغاز ڪلام پاڪ جي تلاوت سان ڪيو ويو جنهن بعد گلاب لغاري جي مشهور صوفي راڳين آچر فقير گل حسن لغاري فقير علي نواز نانگو نور محمد لغاري ۽ ٻين صوفياڻو راڳ رنگ پيش ڪري محفل رچايي ۽ پنهنجي فن جو شاندار مظاهرو ڪري داد ۽ انعام حاصل ڪيو ۽ ميزبانن طرفان ڪين اجرڪن جا تحفا ۽ ٽرافي پڻ ڏني ويبي آخر ۾ مل ملاڪڙو ٿيو جنهن ۾ لاڙ ۽ اتر سنڌ سميت بلوچستان جي مشهور مل پهلوانن سخت ۽ دلچسپ مقابلا ڪري واهه واهه ڪرايي ڇڏي ملهن وچ ۾ سخت مقابلن بعد جي سانگهڙ ضلع جي پهلوان ميرحسن پنهرو ۽ ٽنڊوالهيار ضلعي جي پهلوان چنيسر خاصخيلي پنهنجن حريف مل پهلوانن کي ملهون دسي فائنل مقابلا کٽي ڪاميابيون ماڻي هزارين روپيا انعام بوسڪين جا پٽڪا ۽ ٽرافيون وصول ڪري ٽائيٽل پنهنجي نالي ڪري ورتا